


sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# اڻ پوريون خواهشون

(ڪهاڻيون)

ليکڪا

پريا وڇاڻي

**Priya vachhani**

## ڊجيٽل ايڊيشن
## 2023ع
## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

books.sindhsalamat.com

# اڻ پوريون خواهشون

(ڪهاڻيون)

□ پريا وڇاڻي

□ سال : 2021

□ قيمت : 330/-

ائڊريس : پريا وڇاڻي

بزرنگ پئليس، بي.ڪي. نمبر 208/1 ،

گڻيش اپارٽمينٽ جي سامهون، بيوس چوڪ جي پاسي،

اُلهاسنگر - (421001)

M : 9765450444

**AANPURYOON KHWAHISHU**

by : Priya vachhani
Bajrang palace Bk. No. 208/ 1 Opp.
Ganesh apt. Near bewas chowk
Ulhasnagar 421001
Mob 9765450444

Year : 2021

Price : Rs.330/-

Copies : 500

ISBN No. : 978-93-91988-19-7

Published by : **SCAN COMPUTERS**
Ahmedabad-40.
(M) 9327007002

Printed by : **Partidar Offset,**
Ahmedabad.

sindhsalamat.com

# ليکڪ پاران

عورتون سماج جو اهڙو طبقو آهن جيڪي سدائين پنهنجي اچائن، پسند ناپسند، سپنن ۽ مرضيءَ کي ڪنهن مهل پريوار، ڪنهن مهل رشتيدار ۽ ڪنهن مهل سماج جي ڪري دٻائينديون ايندڙيون آهن يا ايئن چئجي ته انهن کي دٻايو ويندو رهيو آهي، پر ڪنهن کي حد کان وڌيڪ دٻائڻ ئي دراصل جنم ڏيندو آهي بغاوت کي .

عورتون وقت يا پابندين جي ڪري گهٽين ئي ڳالهين، گهٽن ئي خوابن، گهٽن ئي احساسن کي پنهنجي اندر ۾ دم ڪنديون ويندڙيون آهن پر اُهي احساس، اُهي خواب ڪڏهن مرندا ڪونهن هو من جي مٽيءَ ۾ ڳوهجي وري نئون روپ وٺي اسرڻ لڳندا آهن. انهن ئي نئين روپ ۾ آيل خوابن ۽ احساسن جو نالو آهي "اڻپوريون خواهشون" انهن اڻپورين خواهشن اسرجي ڪهڙو روپ ورتو سو ڪتابي صورت ۾ توهان جي هٿن ۾ آهي .

هونئن ته مان الڳ الڳ موضوعن تي ڪهاڻيون لکندي رهي آهيان پر منهنجو هيءُ ڪتاب خاص انهن عورتن تي آهي جن جا احساس، جن جا خواب اڻپوريون خواهشون بڻجي اسريا. دراصل عورتون سماج جو اهڙو فرد آهن جيڪي هميشه ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار ٿينديو رهيون آهن. مان پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڪجهه اهڙا ئي قصا ڪٺي آئي آهيان جيڪي مون سماج ۾ ڏٺا يا ٻڌا. اهي قصا، اهي ڪهاڻيون اُسان جي سوسائٽيءَ جو حصو آهن پر انهن تي تمام گهٽ لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو منهنجي هنن ڪهاڻين سان ڪي اختلاف رکن ۽ ڪي اتفاق به ڪَن بنهي سوچن جو سواڳت آهي، توهان جا رايا، توهانجي تنقيد مونکي اڳيان بهتر لکڻ ۾ مدد ڪندي. چاڪاڻ ته ڪو به ڪتاب صرف ليکڪ ڪونه لکندو



books.sindhsalamat.com

## پريا وڇاڻي

### سنڌي ۽ هندي ليکڪا

ادبي حاصلاتون : ديش ۽ وديش (جاپان، ڪئنادا ۽ سنڌ) جي مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ رچنائون شايع ٿيل

آڪاشواڻي ريڊيو تي ڪاريہ ڪرم سمان.

- وشو هندي ليکڪا منچ پاران ’’مهاديوي ورما شڪتي سمان.‘‘
- دتيا جي مدوڪر سنستا پاران ’’شبد مدوڪر سمان.‘‘
- اُميد کي ڪرن ساهتيہ منچ پاران ’’ساهتيہ تلسي سمان.‘‘
- جهانسيءَ کان شايع ٿيندڙ مئگزين ’’جئي وجي‘‘ پاران ’’اتڪرشٽ ساهتيہ سيوا رچناڪار سمان.‘‘
- ناٿ دوارا ساهتيہ منڊل پاران ’’ڪاويہ پوشڻ سمان‘‘
- گلوبل سنڌي بيوٽي پيجنٽ ۾ ’’بيسٽ اسپيڪر اوارڊ‘‘
- هڪ ڪهاڻيءَ تي ٺهيل شارٽ فلم کي ماتر پارٽي شارٽ فلم ڪونٽيسٽ ۾ ’’ٽيون اِستان‘‘.
- سنڌي ڪهاڻين جو شايع ٿيل مجموعو ’’ننڊڙين اکڙين سان‘‘ هڪ سنڌي ناول ڇپائيءَ جي مرحلي هيٺ.
- پندرهن کان وڌيڪ هندي شاعريءَ جي گڏيل مجموعن ۾ شايع شاعري.

ميل آءِ. ڊي.
Mail Id : vachhanipriya26@gmail.com



sindhsalamat.com

آهي اُن جي پنيان ٻيا ٻہ گھڻا ئي مددگار هٿ هوندا آهن. جيئن منهنجي هن ڪتاب ۾ سڀ ڪان وڌيڪ مدد ڪندڙ هٿ رهيو آهي سنڌ جي اديب ياسر منگيءَ جو جن نہ رڳو مون سان پنهنجي اَدبي جانڪاري ونڊي پر سنڌ ۾ شايع ٿيل سٺن ليکڪن جي ڪتابن ڪي پڙهڻ جي صلاح ڏني، نہ رڳو ايترو پر هن ڪتاب ڪي عربي لپيءَ ۾ ٽائپ ڪرڻ سان گڏوگڏ هن ڪتاب جو ڪَوَر پيج ٻہ ڊزائين ڪري ڏنو. سندن اِن سهڪار جي تمام گهڻي ٿورائتي آهيان .

ٿورائتي آهيان ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ جي جن سدائين مونکي همٿايو ۽ راهہ ڏيکاري .

ٿورائتي آهيان پنهنجي مڙس مهيش وڇاڻيءَ جي جنهن هر راهہ تي منهنجو ساٿ ڏنو ۽ سدائين منهنجو حوصلو وڌايو. ٿورائتي آهيان پنهنجي ماءُ گيتا روهڙا ۽ پِتا رامچندر روهڙا جي جن سدائين مونکي اڳتي وڌڻ لاءِ همٿايو ۽ آخر ۾ پيار ۽ قرب ڏيڻ چاهينديس پنهنجي ٻارن حناۂ وشال ۽ نندڙي هيانشيءَ کي جن سدائين پريم ڏنو ۽ همٿائيندا رهيا.

توهان جي راين جي انتظار ۾

پريا وڇاڻي


sindhsalamat.com

# فهرست


| نمبر | وشيہ | پيج نمبر |
| --- | --- | --- |
| .1 | ٻانوري | 1 |
| .2 | آزاديءَ جا پر | 9 |
| .3 | عورتون ئي آهن ھي | 16 |
| .4 | وڪامجڻ جو سور | 23 |
| .5 | تيرٿ استان | 30 |
| .6 | سمجهوتو | 37 |
| .7 | پيير جو آشرواد | 41 |
| .8 | مان بہ شريف آهيان | 46 |
| .9 | وڻشا جو رشتو | 54 |
| .10 | ريڊ ربن | 59 |
| .11 | ترقيءَ جي چاٻي | 66 |
| .12 | آتمگلاڻي | 73 |
| .13 | ڪلنڪ | 80 |
| .14 | اڻ پوريون خواهشون | 85 |



books.sindhsalamat.com

# بانوري

شهر جي چوڪ تي گاڏين جي اچ وڃ تي رهي هئي، چوڪ جي هڪ پاسي ڪجهه دڪان نهيل ۽ گاڏن تي ڪجهه ناشتو وڪڻڻ وارا هئا، ٻئي پاسي آٽو اسٽينڊ، جتي ڪجهه آٽو وارا سواريءَ جي انتظار ۾ ٻينا هئا، هڪ طرف ڪجهه گهر نهيل ۽ ٻئي طرف ڪجهه فروٽ ۽ ڀاڄيون وڪڻڻ وارا ٻينا هئا. هرڪو جڻ پنهنجي ڌن ۾ لڳو پيو هو. پڪوڙا ڊبل ڪپائڻ واري گاڏي وٽ ڪجهه ماڻهو ٻينا هئا، جن مان ڪي اتي ئي کائڻ وارا ته ڪي پنهنجي پارسل جي انتظار ۾ هئا.

گراهڪن کي ڏيندي ڏيندي پڪوڙن واري جو ڌيان بانوريءَ ڏانهن ويو، جيڪا هن جي دڪان جي پرسان ٿلهي نما دڪيءَ تي چپ چاپ اچي ويهي رهي هئي. بانوري ڪڏهن به ائين چپ ڪري نه ويهندي هئي، سو دڪاندار کي شڪ ٿيو ۽ هو چوڪري کي دڪان سنڀالڻ لاءِ چئي پاڻ ڊبل ۾ هڪ وڙو وجهي وڃي هٿ بانوريءَ ڏانهن وڌايو، پر بانوريءَ پنهنجي هٿ سان هن جي هٿ کي پري ڪري نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيو. دڪاندار کي بانوريءَ جي نه وٺڻ تي حيرت ٿي، هن غور سان ڏسندي وري بانوريءَ ڏانهن هٿ وڌائيندي چيو "وٺ نه، بک ڪونه لڳي اٿئي ڇا؟"

بانوريءَ هن ڀيري هُن جي هٿ کي زور سان ڌڪيو ۽ روئڻ لڳي.

"ڇا ٿيو بانوري! روئين ڇو ٿي؟"

"سور.... اون..... اون..... سور..... پيٽ ۾ سور." روئندي بانوريءَ پنهنجي پيٽ تي هٿ رکيو.



sindhsalamat.com

"سور ٿو پوئي؟"

"ها.....ها" چوندي بانوري اڃا زور سان روئڻ لڳي.

"هي ڀڳوان! هل امان وٽ هل"

"نه..... اون.... اون" ڪندي بانوري دڪاندار کان پنهنجو هٿ ڇڏائي زارو قطار روئڻ لڳي.

وڏا چپ، پيلا ڏند، اکين ۾ چيپون، چوڪرن وانگر ڪٽيل وار، لڱ ايترا ميرا جڻ گهڻن ڏينهن کان سنان ئي نه ڪيو هجئين، ڀريل جسم ايترو جو ڍلو گائونُ پاتل هجڻ باوجود به جسم جا اڀار صاف نظر پئي آيا. ڪيس ڏسي لڳندو هو جڻ ڀڳوان کي تڪڙ ۾ جيڪو هٿ لڳو تنهن سان سندس جسم ٺاهيو هجئين پر سمجھ ڏيڻ وسري ويس. پنهنجي نڪتل پيٽ کي پڪڙي هوءَ روئي رهي هئي.

بانوري ڪنهن جي ڌيءَ هئي، هن جو نالو ڇا هو ۽ ڪٿان آئي هئي، سا ڪنهن کي خبر ڪانه هئي. ڪجهه وقت اڳ لڳ ڀڳ تيرهن چوڏهن ورهين جي هڪ چري چوڪري هن پاڙي ۾ روز نظر اچڻ لڳي، ابوجهه هئڻ ڪري سيئي هُن کي بانوري ڪوٺڻ لڳا، هوءَ سڄو ڏينهن بس کائڻ لاءِ گهرندي رهندي هئي. ڪي ماڻهو ويچاري سمجهي، قياس ڪائي کيس کائڻ لاءِ ڏيندا هئا، ته ڪي چري چئي ڌڪاري ڇڏين ۽ ڪن کي هن ۾ نظر ايندو هو رڳو عورتاڻو جسم.

زائفون گهڻي قدر مردن کان وڌيڪ ڌارمڪ هونديون آهن، انڪري ئي ڪنهن به پنڌ، پيرن، فقيرن، مندرن ۽ درگاهن تي



books.sindhsalamat.com

مردن کان وڏيڪ تعداد زائفن جو هوندو آهي ۽ هو چرين، ڪدڙن، مستن ۽ بانوريءَ جهڙن ابوجهن کي ايشور جي وڏيڪ ويجهو مجيينديون آهن. سو ان ڪري هنن کي ڪڏهن خالي هٿين نه موٽائينديون ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڏئي ڪائن دعا پننديون آهن.

بانوريءَ سان به ائين ئي هيو، عورتون هن کي ڪنهن مهل ماني کارائن ته ڪنهن مهل چانهه پياري آشرواد وٺنديون هئس. ها بانوري ڪڏهن ڪنهن کان پئسا ڪونه وٺندي هئي، هن کي سڄو ڏينهن بس کائڻ لاءِ کپندو هو. ڪڏهن به ڪنهن بانوريءَ کي کاڌي لاءِ نهه ڪندي ڪونه ٻڌو. پاڙي جا ڪجهه نوجوان هٿ ۾ شيءِ يا چاڪليٽ ڏيکاري بانوريءَ جو تماشو ٺاهيندا هئا.

"بانوري! چاڪليٽ کائيندينءَ؟"

هوءَ ها ڪري وٺڻ لاءِ جيئڻ ئي ويجهو وڃي، ته هو ڊڪ پائن ۽ بانوري هنن جي پويان ڊڪڻ لڳي. پر پريل سرير هئڻ ڪري ڪجهه ئي ڊڪڻ کان پوءِ ٿڪجي بيهي رهي ۽ هو وري چيڙائن. من پرچڻ تائين هن جو تماشو ڪري يا ته چاڪليٽ ڏينس يا ڪنهن وڏي کي ايندو ڏسي ڀڄي وڃن ۽ پوءِ شيءِ نه ملڻ تي بانوري روئڻ لڳندي هئي.

پاڙي جي هنن گهرن ۾ هڪ گهر هو امان جو، لڳ ڀڳ سٺ پنجهٺ ورهين جي هئي امان، اڇي سٿڻ، اڇو ڪڙتو ۽ مٿي تي سدائين اڇي پوتي هن جي سڃاڻپ هئي. وڏي عمر جي هئڻ ڪري سڄو پاڙو کيس امان ڪوٺيندو هو. ڀريو ڀريوار، ٻُنهن، پٽ، پوٽا ۽ پوٽيون، سڀ ئي هئا امان کي، ساڻ دل ۾ هئس ممتا ۽ سيوا جي ڀاونا پڻ. بانوري جڏهن امان جي هٿ لڳي، کيس پڪڙي سنان



sindhsalamat.com

پاڻي ڪرائي، ڪنهن مهل ٻُنهن جو ڪو پراڻو گائون پارائي ڇڏيس ته ڪنهن مهل ڪنهن پاڙي واريءَ کان وٺي پارائيس.

هڪ ڏينهن جڏهن سڄ پنهنجي سموري ڪاوڙ جي باهه ڌرتيءَ تي لاهي رهيو هو ۽ ڌرتي پڻ هن جي تيج سان تپي رهي هئي تڏهن اوچتو گهرن واري پاسي کان بانوريءَ جو رڙ ڪري روئڻ جو آواز ٻڌي امان ٻاهر نڪري آئي. امان کي ايندو ڏسي ڪجهه ڇوڪرا گهٽيءَ مان ڀڄڻ لڳا.

امان بانوريءَ جي ويجهو آئي "ڇا ٿيو بانوري! روئين ڇو ٿي؟"

"هُو.... هُو..... هُو ڇوڪرا." روئندي بانوريءَ ڀڄندڙ ڇوڪرن ڏانهن آڱر سڌي ڪئي.

"ڇا ٿيو، هُنن توکي وري چيڙايو؟"

"نه" سڏڪا ڀريندي بانوريءَ چيو "هنن مونکي چڪ پاتو".

"توکي چڪ پاتائون؟" امان وائڙي ٿي وئي

"ها... مونکي هتي چڪ پاتائون." چوندي بانوريءَ هٿ پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيو.

"ڇا هتي؟"

"ها ۽ هتي زور سان دٻايائون به" چوندي هن ٻيو هٿ پنهنجي ٻنهي ڄنگهن جي وچ تي رکيو.

امان جون اکيون حيرت منجهان ڦاٽي ويون "مار پوين ڪتن کي، ڪني ناليءَ جا ڪيڙا، لعنت پوين، چري ڇوڪريءَ مان به نه ٽا مڙن، ڪميڻا پنهنجي ذات ڏيکاري ويا." چوندي امان بانوريءَ کي چپ ڪرائڻ لاءِ مٿي تي هٿ ڦيرايو. "رب سٽائي ڪنديئي، وڃ هوڏي دڪانن پاسي وڃي ويهه." چوندي امان هلي وئي.



books.sindhsalamat.com

جڏهن به امان بانوريءَ کي سنان ڪرائي ته ٻن ٽن ڏينهن تائين يا ته بانوري چڱي دير نظر ئي نه ايندي هئي يا وري ڪنهن مهل گهٽيءَ مان هن جي رڙ جو اوچتو آواز ايندو هو، امان ڪيترائي ڀيرا ڏٺو ته ڪنهن مهل ڪوئي آٽو وارو گهمائڻ جي بهاني هن کي آٽو ۾ وٺي وڃي ته ڪوئي اسڪوٽر تي چاڙهي يا ڪنهن مهل ڪوئي گاڏي وارو ڪجھ ڏيڻ جي بهاني جسم تي هٿ لڳائي.

اهو ڏسي امان جي وات مان نڪري ويندو هو "ڪهڙا ماءُ پيءُ هوندا جن ڌيءَ ڄڻ کي ائين ڌڪا کائڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. نه پئي پلجين ته گهٽو ڏئي ڇڏنس ها يا وري پاڳل خاني ڇڏي اچنس ها، گهٽ ۾ گهٽ ڇوريءَ جي اها حالت ته نه ٿئي ها. الائي ڪهڙا ڪرم ڪري آئي آهي، جو هيئن ويني تي ڀوڳي." چوندي امان جا نيڻ پچي ويندا هئا. اهو سڀ ڏسي امان بانوريءَ کي سنان ڪرائڻ ئي ڇڏي ڏنو.

دڪاندار بانوريءَ کي هٿ سان پڪڙي زوريءَ اٿاري امان جي گهر وٺي وڃڻ لڳو، پر چار قدم هلندي ئي بانوري وچ روڊ تي ويهي رهي ۽ زور زور سان روئڻ لڳي. سندس پيرن مان رت هاٽي پاٽيءَ جي ڌار وهي رهي هئي.

دڪان واري ڊڪندي وڃي امان کي سڏ ڏنو "امان..... امان"!

"جي ادا! ڇا ٿيو؟"

"لڳي ٿو بانوريءَ جو ٽائيم اچي ويو آهي، جلدي هلو، هوءَ رستي تي ويهي رهي آهي." دڪاندار هڪ ساهيءَ ۾ چئي ويو .



sindhsalamat.com

"هل ادا!" چوندي امان نڪتي.

اها ڳالھ ٻيون پاڙي واريون به ٻڌي سندن پويان لڳيون. سيني بانوريءَ کي رستي تان اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بانوري نه اٿي. شديد سور جو عذاب هن جي اکين مان صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو، سور نه سهي سگهڻ ڪري بانوري پنهنجي پيٽ تي زور سان مڪون هڻڻ لڳي. ٻن ماين هن جا هٿ پڪڙي ورتا، رت هاٽي پاٽيءَ جي ڌار هن جي پيرن مان وهندي ڏسي ڪي مايون ڊڪندي چادر کڻي آيون ته ڪن وري پنهنجا روا لاهي چوڌاري پردو ڪري ڇڏيو.

بانوري رڙيون ڪري رهي هئي ۽ امان کي ان ڏينهن جي ياد اچي وئي جنهن ڏينهن هن کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو هو ته بانوريءَ کي ڏينهن چڙهي ويا آهن. هن کي پڪڙي امان دائيءَ وٽ وٺي وئي هئي، ڀريل جسم هئڻ ڪري ڇهن مهينن تائين ته ڪنهن کي خبر ئي ڪانه پئي هئي. ٿلهي هئڻ ڪري هن جو پيٽ اڳ ئي نڪتل نظر ايندو هو، دائيءَ بانوريءَ کي ڏسي امان کي ٻڌايو ته "بانوريءَ کي پنجون مهينو هلي رهيو آهي" ان وقت امان ۽ دائيءَ هٿ کڻي مرد ذات کي دل کولي پٽيو هو ۽ ان ڏينهن کان پوءِ بانوريءَ کي ڌڪارڻ وارا ۽ ان جو تماشو بڻائڻ وارا پڻ هن سان همدردي ڏيکارڻ لڳا. اها همدردي بانوريءَ سان هئي يا پنهنجو تماشو نه ٻڌجي وڃي ان جي ڀَوَ جي هئي، ان جي خبر خدا جي ڪاڳر ۾ لکيل هوندي.

بانوريءَ جون رڙيون وڌي ويون ۽ تماشو ڏسڻ وارن جي ڀيڙ پڻ وڌي وئي هئي.

"الائي ڇا جمندو هن ڇريءَ کي؟"



books.sindhsalamat.com

"الائي ڪنهن جو پاپ اٿس؟"

"هاڻي هن ٻار جو ڇا ٿيندو؟"

"ٻار کي ڪير سنڀاليندو؟"

اهڙا ڪيترائي سوال ٻار جي ڄمڻ کان اڳ پيڙ ۾ بيٺل ماڻهن جي ذهنن ۾ جنم وٺي رهيا هئا، هوڏانهن دائيءَ بانوريءَ کي چپ ٿيندو نہ ڏسي سندس وات کي رئي سان ٻڌي ڇڏيو.

"هي ڇا ٿا ڪريو؟ " هڪ مائيءَ چيو.

"تہ ٻيو ڇا ڪيان؟ هيءَ رڙيون ڪري تماشو ٿي بڻائي".

"رڙيون نہ ڪندي تہ ڇا ڪندي، سور بہ تہ هوندس نہ "

"ماٺ ڪر، هيءَ تہ چري آهي، تون ڇو ٿي چري ٿيڻ؟"

"پر هاڻي هن ٻار جو ڇا ڪنداسين، هن کي ڪير سنڀاليندو؟" ٻي مائيءَ چيو.

امان هڪ پاڙي واريءَ ڏانهن نهاريندي چيو "آشا! تون هن ٻار کي هنج ونجاءِ ڪٽي، تنهنجي اولاد واري سڪ بہ پوري ٿي ويندي ۽ هن ٻار جو پڻ جيون بڻجي ويندو".

"چري ٿي آهين ڇا امان!" آشا حيران ٿيندي چيو "هن چريءَ جي ٻار کي مان هنج وٺان؟ "

"ها، ڇو نہ؟ تون ئي تہ هن کي ڪڏهن ماني کارائي، ڪڏهن چانهہ پيارئي اولاد ٿيڻ جي مراد گهرندي هئينءَ نہ، ايئن سمجھ اچ مراد پوري ٿي رهي اٿئي".

"چريءَ کان آشرواد وٺڻ ۽ چريءَ جي ٻار کي هنج وٺڻ ۾ فرق هوندو آهي امان! ڀڳوان ڄاڻي الائي ڪنهن جو نسل آهي هي حرامي".



sindhsalamat.com

"حرامي هي ٻار ناهي، حرامي تہ هن جو پيءُ آهي، جيڪو حوس ۾ ايترو انڌو ٿي ويو جو هن بانوريءَ مان بہ نہ مڙيو".

ايتري ۾ ٻار جي روئڻ جو آواز آيو ۽ امان پنهنجي مٿي تان پوتي لاهي دائيءَ ڏانهن وڌائي.

پيڙ مان سوال اڀرڻ لڳا

"ڇا ڄائو؟"

"ڇا ڄائو اٿس؟"

"پاڻ جهڙي ئي ڌيءَ ڄڻي اٿائين." دائيءَ وڏي واڪي چيو.

"پر هاڻي هن ٻار کي سنڀاليندو ڪير؟"

دائيءَ جو اهو سوال ٻڌندي ئي پيڙ مان گهٽا ڇٽا هيڏي هوڏي ٿي ويا .

ڪنهن چيو "پوليس کي فون ڪريو، پاڻ ئي اناٿ آشرم ۾ ڇڏي ايندس".

"ڪاش! ڀڳوان ٻار ٿي پيءُ جي نالي جو نيو هٽي موڪلي ها، تہ اڄ اناٿ آشرم ئي ڪونہ هجن ها." امان پيڙ ڏانهن ڏسندي چيو .

بانوري اتي ويني، سور جي ڪري هن جو سَنڌ سَنڌ ڏکي رهيو هو. هر تخليقڪار کي پنهنجي تخليق تمام گهڻي پياري هوندي آهي، بانوريءَ بہ امان جي پوتيءَ ۾ ويڙهيل پنهنجي ڌيءَ کي دائيءَ جي هٿن مان ورتو ۽ هن جي منهن کي چمندي روئڻ لڳي ۽ پنهنجي ڌيءَ کي ڇاتيءَ سان چنبڙائي ڇڏيو. ايتري ۾ پوليس جي گاڏي اچي وئي ۽ ٻنهي کي وٺي هلي وئي. ان ڏينهن کان پوءِ نہ ڪا بانوري ۽ نہ ئي هن جي ڌيءَ هن پاڙي ۾ نظر آئي.



books.sindhsalamat.com

# آزاديءَ جا پر

آڪاش جي وڃڻ ڪانپوءِ سنيها هڪدم اڪيلي ٿي پئي هئي. سنيها جو ئي فيصلو هو تہ هو رڳو هڪ ٻار ئي پيدا ڪندا، پوءِ ڌيءَ ٿئي يا پٽ. ايشور هُنن کي گلن جهڙي پياري ڌيءَ سان نوازيو، پر ڌيئر ڪير ڪڏهن پاڻ وٽ هميشہ لاءِ رهائي سگهيو آهي، ان ڪري ئي شايد ڌيئرن کي پرائي امانت چيو ويندو آهي. هڪڙي ڏينهن اها پرائي امانت بہ ٻئي جي گهر جو شان ٿي وڃي ٿي، رهجي ويا آڪاش ۽ سنيها. جلد ئي آڪاش پڻ هوا ٻڻجي پنهنجو نالو سارٿڪ ڪندي آڪاش ۾ سمائجي ويو. ڌيءَ گهٽا ڏينهن ماءُ وٽ رهي سگهندي ۽ سنيها کي پڻ ڌيءَ وٽ وڃڻ سهي ڪونہ لڳو، سو هوءَ پنهنجي گهر اڪيلي رهجي وئي.

شام جي وقت لَوِ برڊس جي پڃري اڳيان ويهي سنيها انهن کي تمام غور سان نهاري رهي هئي. ڪي پکي ڏاٽو ڪائنہ تہ ڪي وري هيڏي هوڏي اڏامي رهيا هئا. پڃري ۾ ڇهہ لَوِ برڊس هوندا هيا، پر گذريل ڏينهن هڪ پکيءَ جي مري وڃڻ بعد هاڻي پنج لَوِ برڊس ئي بچيا هئا.

سنيها کي ياد اچي ويو هوءَ جڏهن پنهنجي ونڊر لاءِ انهن لَوِ برڊس وٺڻ وئي هئي تڏهن ئي دڪاندار چيو هو تہ "هي جوڙيءَ ۾ ئي رهندا آهن، رڳو هڪ جوڙي وٺي وڃڻ سهي نہ رهندو، گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽي جوڙيون وٺو جيئن هو پاڻ ۾ وندريل هجن".



سنيها ٽي جوڙيون وٺي آئي هئي پر ڪلهہ اوچتو هڪ جي مري وڃڻ بعد هڪڙي لَوِ برڊ اڪيلي رهجي وئي هئي ۽ هوءَ چپ چاپ گم سم ڪنڊ ۾ ويٺي هئي.

"تون تہ ساٿيءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ هڪ دم گم سم ٿي وئي آهين، نہ ڪائين ٿي، نہ ونڊر ٿي ڪرين، ايئن تہ تون جلد ئي مري ويندينءَ. توکي خبر آهي هيءَ زندگي ڪيتري نہ قيمتي آهي؟ ان کي ايئن نہ وڃاءِ، ڏس پڳوان توکي ڪيترو نہ سهڻو ۽ پيارو ٺاهيو آهي ۽ تون ان جي ڏنل زندگي ايئن هڪڙي ساٿيءَ جي وڃڻ تي وڃائي ڇڏيندينءَ؟ هن پڃري ۾ اچڻ کان پهرين يا هن دڪاندار وٽ پهچڻ کان اڳ بہ ٿي سگهي ٿو تنهنجو ڪو ٻيو ساٿي هجي يا ٻئي ڪنهن کي پسند ڪندي هجين ۽ هن پڃري ۾ اچڻ کان پوءِ ان کي ئي پنهنجي قسمت سمجهي اپنائي ڇڏيو هجئي. ٿي سگهي ٿو نہ ايئن بہ هجي؟

سنيها جڻ پنهنجو پاڻ سان ئي سوال ڪيو ۽ اهو سوال جڻ مئل لَوِ برڊ وارا پر لڳائي هن کي ماضيءَ جي ڪنڊرن ڏانهن اڏائيندو وٺي ويو.

ڪاليج جي گارڊن ۾ ڪشور ۽ سنيها چپ چاپ ويٺا هئا. هي گارڊن روز صبح جو ڪشور ۽ سنيها جي ملڻ جي جڳهہ هئي، هت اچي هنن کي ايئن محسوس ٿيندو هو جڻ هتان جا وڻ هنن جي پيار جا گواهہ ٻڻجي انهن جو انتظار ڪندا هجن. جڏهن هو هتي ملڻ ايندا هئا تہ وڻن تي ويٺل پکي پنهنجي مڌر آواز ۾ ٻنهي جي آجيان ڪندا هئا، گاهہ تي ماڪ ڦڙا موتين وانگر لڳندا هئا جن کي جڻ چنڊ رات کان ئي هنن جي انتظار ۾ وڇائي ڇڏيو هجي. پر اڄ هنن ٻنهي سان گڏ اهي سڀ پڻ اداس هيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان شانتيءَ کي آخر سنيها جي سڏڪن ٽوڙيو "ڪشور! مان توسان ڪيترو پيار ڪندي آهيان، اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي، مان اڄ به پنهنجا سڀ رشتا ٽوڙي توسان پڄي هلڻ لاءِ راضي آهيان".

"نه سنيها! ماءُ پيءُ کي شرمندگيءَ جي کوهه ۾ ٻوڙي اسان ٻئي ڪڏهن خوش رهي نه سگهنداسين".

"ته مان ڇا ڪريان ڪشور! راجيش ماري ٻڌجي پئسن جو ڄار وڇائي منهنجي ماءُ پيءُ کان منهنجي ٻانهن گهري آهي ۽ هن جي پئسن جو ڄار ايترو مضبوط آهي جو منهنجا ماءُ پيءُ ان جي لوپ ۾ ڦاسي رهيا آهن، مان سڄي زندگي سون جي پڃري ۾ نه ٿي گذارڻ چاهيان." سنيها جي نيڻن مان بيوسي لڙڪ ٻڻجي وهڻ لڳي.

"پر هيئن ماءُ پيءُ کي شرمسار ڪرڻ نيڪ نه رهندو، سنيها! زندگي تمام حسين آهي، ان کي رڳو هڪڙي ساٿيءَ لاءِ قربان نه ٿو ڪري سگهجي".

ڪشور جا لفظ سنيها جي دل ۽ دماغ کي چوڌول وانگر گهمائڻ لڳا. وڻ هنن جي وڇوڙي جا گواهه ٻڻجي رهيا هئا. پکي ردالين وانگر وڇوڙي جا گيت آلاپي رهيا هئا. چنڊ کي جڻ سندن وڇوڙي جي ڄاڻ اڳواٽ ئي پئجي چڪي هئي ان ڪري هُن گاهه تي ماڪ جا موتي نه پر لڙڪ وڇائي رکيا هئا. انهن لڙڪن تي پير رکي ردالين جا پر ڪپي سنيها ماضيءَ کان ٻاهر نڪري آئي.

"ها منهنجي منڙي! هڪ ساٿيءَ جي وڃڻ سان زندگي بيهجي نه ويندي آهي، هڪڙو ڪم ٿي ڪريان، مان اڄ ان ئي دڪان تي وڃي تنهنجي لاءِ ٻيو ساٿي وٺي ٿي اچان، ٿي سگهي ٿو



sindhsalamat.com

تنهنجو پراڻو ساٿي واپس ملي وڃي." سنيها ڪمري ۾ تيار ٿيڻ لاءِ هلي وئي.

ڪجهه دير بعد هوءَ ٻاهر نڪتي، اڇو اجرو وڳو، اڇي ئي رنگ جو رئو، جنهن تي جيڪڏهن ڪو هلڪو به ٽڪو لڳي ته صاف ظاهر ٿي پوي، وارن جي اهڙي سڪ ٻڌل چوٽي جو غلطيءَ سان به ڪو وار ٻاهر نه نڪري سگهي.

سنيها وري اڇي پڃري پرسان بيٺي "بس ٿورڙي دير، مان اجهو تنهنجي لاءِ ساٿي وٺي واپس اچان ٿي" هوءَ گهر کان ٻاهر هلي وئي، پر ڪجهه ئي پلن ۾ واپس اچي پڃري جي پرسان بيٺي "هڪ ڳالهه ته ٻڌا! مان تنهنجي لاءِ ٻيو ساٿي ته وٺي اچان پر هو به وري هوندو منهنجي يا دڪاندار جي پسند. ان ۾ تنهنجي مرضي ڪٿي شامل ٿي؟ توکي ته وري هڪ نيئن ساٿيءَ سان ايڊجسٽ ڪرڻو پوندو، هن سان تنهنجي پسند ناپسند ملي يا نه ملي ان سان گڏ رهڻو ئي پوندئي. مطلب ٻيهر توتي ظلم! ايتري ننڍڙي زندگيءَ ۾ گهڻا ظلم سهندينءَ؟" ڪجهه سوچيندي وري سنيها چيو" هڪ ڪم ٿي ڪريان، توکي ساڻ وٺي ٿي هلان، اتي توکي جيڪو پسند اچي ان کي وٺي ٿا اچون هاهاها... " سنيها زور سان ٽهڪ ڏنو "تون سوچيندي هوندينءَ مونکي ڪيئن خبر پوندي ته توکي ڪير پسند آهي ڪير نه! ته منڙي! جنهن کي ڏسي تون خوش ٿي واپس اٿي ويهندينءَ ان کي ئي وٺي ايندا سين." چوندي سنيها پڃرو کڻي ٻاهر نڪتي

ڪار ۾ پنهنجي پاسي واري سيٽ تي پڃرو رکي سنيها پاڻ ڪار هلائي رهي هئي "توکي خبر آهي! منهنجو مڙس هڪ ڪم سٺو ڪري ويو جو مونکي ڪار هلائڻ سيکاري ويو، هاڻي



books.sindhsalamat.com

گهٽ ۾ گهٽ ڪاڏي وڃڻ لاءِ مان ڪنهن ٻئي جي محتاج تہ نہ رهندي آهيان، ها هيءَ محتاجي تہ ختم ڪري ويو پر زندگيءَ جي رنگن جو محتاج بڻائي ويو. تون خوش نصيب آهين جو پکوان توهان پکين کي قدرتي رنگن سان رنگيو آهي، جن کي ڪنهن ساٿيءَ جو وڇوڙو نہ ٿو ڪسي سگهي. جي انسان هجين ها تہ جيون ساٿيءَ جي وڇوڙي تي ان جي سڙڻ کان اڳ ئي توکان رنگ ڪسيا وڃن ها، جڻ هي سماج ان ئي تاڙ ۾ وينو هوندو آهي، پر ها رنگ رڳو عورتن کان ڪسيا ويندا آهن، مردن کان نہ. جيڪڏهن ڪا زائفان مري تہ مرد جي باري ۾ بہ ضرور سوچيو ويندو آهي، ان جا رنگ ڪسڻ لاءِ نہ پر ان جي زندگيءَ کي رنگين بڻائڻ لاءِ. "ويچارو اڪيلو ڪيئن رهندو؟ " "ڪو تہ ساٿي کپيس نہ." "اڪيلو گهر ٻار ڪيئن سنڀالي سگهندو؟" جي سس پس سان هن جي ٻي شاديءَ جون ڳالهيون شروع ٿي وينديون آهن. هوڏانهن مري ويل عورت جو روح بہ سوچڻ لڳندو آهي تہ "ان جڳهہ تي جيڪڏهن مان هجان ها تہ ڇا تڏهن بہ ايئن ئي سوچيو وڃي ها؟ دنيا جي ريتن کان واقف هئڻ ڪري "نہ" ۾ جواب ملندو اٿس ۽ پوءِ لاش جي صورت ۾ پيل عورت نہ رڳو تن سان پر من سان پڻ مري ويندي آهي".

شهر جا رستا ۽ چونڪ پار ڪندي سنيها جي من ۾ ڪيترائي سوال هلي رهيا هئا ۽ سگنل تي ڳاڙهيءَ مان ڦڪي ۽ ڦڪيءَ مان سائي ٿيندڙ بتيءَ وانگر سنيها جو من ماضي ۽ حال ۾ ٻڏي تري رهيو هو. اوچتو هڪ منظر سنيها جي گاڏيءَ آڏو اسپيڊ بريڪر بڻجي ويو، سامهون اهو ئي گارڊن هيو جيڪو ڪشور ۽ سنيها جي پيار جو گواهہ هيو. سنيها گاڏي روڪي ۽ پڃرو ڪٽي



sindhsalamat.com

ڪار مان لٿي ۽ ان ئي بينچ تي وڃي ويٺي جتي ڪجهہ سال اڳ هوءَ ڪشور سان ويهندي هئي. سنيها پڃري کي پنهنجي ڪڇ ۾ رکيو. ڪيس محسوس ٿيو جڻ هي وڻ، پکي ۽ گاهہ ڪيس سڃاڻن ٿا پر پهريان جيان آجيان ڪونہ ڪري رهيا آهن.

"

توکي خبر آهي منٺڙي! اسان کي لڳندو آهي تہ هي گارڊن، هي وڻ ۽ هي پکي رڳو اسان جي پيار جا گواهہ آهن، پر نہ! هي سڀ ڪيترن ئي ماڻهن جي پيار جا، جهيڙن جا ۽ وڇوڙن جا پڻ گواهہ بڻجندا آهن. شايد ان ڪري ئي هي وڻ ايترا سخت هوندا آهن، پر مٿي جت پکي پنهنجو آکيرو ناهيندا آهن ۽ پنهنجي پريم جا راڳ ڳائيندا آهن اتي وڻ جون شاخون نرم ۽ پتا ڪومل هوندا آهن، چاڪاڻ تہ پکين ۾ اسان انسانن وانگر بيواجبيون، انا، ريتون ۽ رواج نہ هوندا آهن. ها ٿي سگهي ٿو تہ هن پڃري ۾ نہ رڳو تون پر ٻيون جوڙيون بہ مجبوريءَ ۾ گڏ رهنديون هجن." سنيها سوچ جي هوائن ۾ پتن وانگر اڏامڻ لڳي، "جيڪڏهن مان نظر نہ ايندڙ پابندين جي پڃري ۾ تڙپي رهي آهيان، جتي نہ مونکي پنهنجي پسند جو رنگ پائڻ جي اجازت آهي، نہ پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جي آزادي ۽ نہ ئي پنهنجي لاءِ ڪوئي ساٿي ڳولهڻ جي مرضي. جي مان ان ڪيفيت کي ڀوڳي رهي آهيان تہ گهٽ ۾ گهٽ مونکي توهان جي تڙپ جو تہ احساس ٿيڻ گهرجي!" چوندي سنيها پڃرو کولي ٻنهي هٿن سان هوا ۾ ڪٽي بيني. "وڃو، توهان اڄ کان پنهنجي زندگي جيئڻ لاءِ آزاد آهيو".



books.sindhsalamat.com

لَوِ برڊس پڃري مان نڪري آڪاش ۾ اڏامڻ لڳا. سنيها کي محسوس ٿيو تہ لَوِ برڊس جي آزادي ڏسي وڻ خوش ٿي جهومڻ لڳا آهن ۽ پکي آزاديءَ جو راڳ آلاپي سنيها کي پڻ همٿائي رهيا آهن تہ "وڄ تون پڻ هن ڪيفيت مان نڪر، توڙ زماني جي پابندين جي پڃري کي ۽ اڏام دنيا جي هن ڪليل آڪاش ۾" سنيها کي لڳو ڄڻ لَوِ برڊس وانگر هن جا پڻ پر نڪري آيا آهن، بس ضرورت آهي انهن پرن کي ڦهلائي اڏامڻ جي.



sindhsalamat.com

# عورتون ئي آهن هي

"ڊاڪٽر صاحب! ڇا نڪتو آهي هنن جي رپورٽ ۾، سڀ ٺيڪ تہ آهي نہ؟"

شانتي تمام گهڻي پريشان هئي، پون جو وزن ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو هو تنهن ڪري هو گهڻو ڪمزور ٿي ويو هو، ايتري قدر جو پندرهن ڏينهن کان هن جي پير ۾ لڳل ڌڪ جو زخم ڪونہ پئي ڀريو، جنهن ڪري ڊاڪٽر هن کي رت جي جاچ ڪرائڻ لاءِ چيو هو .

ڊاڪٽر رپورٽ کي وڏي غور سان ڏسي رهيو هو، شانتي ڊاڪٽر جي جواب جو انتظار ڪري رهي هئي.

هن کان صبر نہ ٿي سگهيو ۽ هن وري پڇيو "ڪجھ ٻڌايو ڊاڪٽر صاحب! ڇا نڪتو آهي رپورٽ ۾؟"

"پون جي شگر ليول تمام گهڻي وڌيل هئڻ سبب هنن جي ڪرٽينن ليول وڌي وئي آهي ۽ شگر جي ڪري ئي زخم ڀرجڻ ۾ ٽائيم پيو لڳي".

"ڪرٽينن ليول وڌڻ جو مطلب ڇا ٿيندو آهي؟"

"مطلب پون جي ڪڊنين تي اثر ٿي ويو آهي".

"هاڻي..... هاڻي ڇا ڪيون ڊاڪٽر صاحب!؟"

"پون کي کائڻ پيئڻ ۾ احتياط ڪرڻو پوندو ۽ انسولين لکي ٿو ڏيان، ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا ماني کائڻ کان اڳ هڻي پوءِ ماني کائڻي آهي ۽ ان ۾ ڪا وڏي ڳالھ ناهي، توهان پاڻ ئي هڻي سگهو ٿا".

"پر مونکي انجيڪشن هڻڻ ڪونہ ايندي آهي".



books.sindhsalamat.com

"مان ڪمپائونڊر کي چوان ٿو، هڪ ٻه ڏينهن هو اچي هڻي
ويندو ۽ ساڻ توهان کي سيکاري به ڇڏيندو، پوءِ توهان پاڻ هڻجو".

ٻئي ڏهاڙي ڊاڪٽر جو ڪمپائونڊر سنيل طئہ ٿيل ٽائيم تي
اچي ويو ۽ هن شانتيءَ اڳيان پون کي سئي هڻي سيکارڻ جي
ڪوشش ڪئي پر شانتي انجيڪشن لڳڻ سهي ڪونه سگهي. هن
پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ سنيل جي ٻانهن پڪڙي ورتي
جڻ انجيڪشن پون کي نه پر پاڻ شانتيءَ کي لڳندي هجي. شانتيءَ
جي سسڪي پون کي ماضيءَ ۾ وٺي وئي.

"شانتي! اچ نه" چوندي پون اک هڻئي

"نه بابا! صبح صبح مونکي نه وڻندو آهي".

"پليز اچ نه! ڇا ويندو تنهنجو؟"

"مان ٿڪجي پئي آهيان، هڪ رات اڳ ئي ته"....

"ڇڏ رات جي ڳالهه. هاڻي موڊ آهي، ان جو ڇا؟" پون شانتيءَ
جو هٿ پڪڙيو

"مان وڃان ٿي سنان تي ۽ توهان ٻه سنان تي وڃڻ جي
تياري ڪيو." شانتي پون کان هٿ ڇڏائي هلي وئي.

پون جي گهرج ضد جو روپ اختيار ڪري ورتو، هن اچي
باٿ روم جو در کڙڪايو "شانتي! اچ بس پنج منٽ"

"نه چيو نه، وڃو هاڻي هتان، نه ته پاڻيءَ جو لوٽو وجهندي
سانوَ" شانتي کلڻ لڳي

پون جي گهرج ضد کان وڌي کاوڙ ۾ بدلجي وئي، هن
زور سان در کڙڪائي رڙ ڪئي "کول در"



sindhsalamat.com

شانتي پون جو کڙڪيدار آواز ٻڌي ڊڄي وئي، هن ٿورو
در کولي ليئو پاتو.

پون ڌڪو ڏئي در کوليو "پريم سان چوانءِ ٿو ته سمجهين
ڪانه ٿي، توکي هاڻي مردانگي ڏيکارڻي پوندي"

پون شانتيءَ جا وار پڪڙي ٻاهر ڇڪي وٺي آيو ۽ ڪيس
پلنگ تي ڌڪو ڏنائين. ڪمري جون پٽيون ۽ ڇت رڙين ۽
سسڪين جون گواهه بڻجي ويون.

"لڳي وئي انجيڪشن" سنيل جي چوندي ئي پون ماضيءَ
مان ٻاهر نڪري آيو، شانتيءَ پڻ اکيون کوليون ۽ سنيل جي ٻانهن
ڇڏي.

"توهان پاڻ ايڏو ڏڪندا ته هنن کي انجيڪشن ڪيئن
هڻندا؟"

پون شانتيءَ ڏانهن ڏسي مشڪي چيو "ڇري آهي، هڪڙي
سئي سهي نه سگهي، اڃا ته شروعات ٿي آهي".

"نه بابا! مان ته نه هڻي سگهنديس، هڪ ڪم ڪيو، توهان
ئي ڪجهه ڏينهن اچي سئي هڻي وڃو، پوءِ جي پوءِ ڏسنداسين".

"سهي ٿي چوي، هيءَ نه هڻي سگهندي. ڪجهه ڏينهن توهان
ئي اچو".

سنيل ها ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ هليو ويو.

روز صبح ۽ شام سنيل انجيڪشن هڻڻ ايندو هو. هوريان
هوريان سنيل ۽ شانتيءَ جون ويجهڙايون وڌڻ لڳيون. ڪنهن مهل



books.sindhsalamat.com

چانھ تہ ڪنهن مهل ڪجھ ڪارائڻ جي بهاني شانتي سنيل کي روڪي وٺندي هئي.

سنيل ۽ شانتي هڪ ٻئي کي پهريان کان ئي سڃاڻيندا هئا. گهڻا ئي ڀيرا پون جي ڪيل ظلمن جا نشان شانتيءَ جي پنيءَ، منهن، ٻانهن ۽ ڄنگهن تي ايترا گهرا ٿي ويندا هئا جو انهن جو علاج ڪرائڻو پوندو هو. شانتيءَ جي جسماني زخمن تي مرهم هڻندي هڻندي سنيل اکين ئي اکين ۾ شانتيءَ جي من تي بہ مرهم هڻندو رهندو هو. هر عورت مرد جي اکين ۾ پنهنجي لاءِ پيار، قدر ۽ عزت ڏسڻ چاهيندي آهي، پر گهڻ ئي عورتن کي پنهنجي مڙس جي اکين ۾ اهي ڳالهيون نظر اينديون آهن ۽ پوءِ جت ڏسڻ اچن ات هو آڪرشت ٿيڻ لڳنديون آهن. پر ننڍپڻ کان مليل سنسڪار چئجن يا مريادا، جو هو پنهنجي دل جي ڳالھ پنهنجي زبان سان نہ چئي سگهنديون آهن .

پون جي طبيعت ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي وئي. پنهنجن ڪيل ظلمن جو پڇتاءُ يا بيماريءَ جي ڪري پنهنجي ختم ٿيڻ جو احساس هو جو پون سنيل ۽ شانتيءَ جون ويجھڙايون ڏسي بہ ڪجھ ڪانہ پئي ڪڇيو. پر چوڻي آهي تہ "بصر پچندو تہ ٻانس بہ ايندي" سو پاڙي ۾ سس پس شروع ٿي چڪي هئي. جيئن سنيل اچي، پاڙي واريون عورتون هڪ ٻئي کي اشارا ڪن. هنن جا اشارا شانتيءَ کان نہ لڪيا. هڪ ڏينهن سنيل کي اچڻ ۾ دير ٿي، شانتي در تي بيهي ان جو انتظار ڪري رهي هئي ۽ در مان ليئا پائيندي ماضيءَ ۾ ليئا پائڻ لڳي.



"ڇا ڳالھ آهي ڀاڀي! اڄ منهن جو خراب لڳو پيو اٿئي؟"

"مون کان ڇا ٿو پڇين پون! پنهنجي زال کان وڃي پڇ".

"چوءِ اڄ وري ڇا ٿيو؟"

"ڇا ٿيندو، روز جي اها ئي ڳالھ. ڪيترو بہ سيکارينس سکي ئي ڪانہ ٿي، روز ڀاڄيءَ ۾ ڪنهن مهل لوڻ تہ ڪنهن مهل مرچ وڌيڪ ٿي وجهي".

"سکي ويندي ڀاڀي! ٿورو دڙڪو ڏيندي ڪرينس".

"دڙڪو! اڄ بہ اکر ڇيامانس تہ ابتو جواب ڏنئي، روم ۾ وڃي اونڌي منجي پائي سمهي پئي آهي. ٻرو نہ مڃجانءِ پون! مان تہ توکي پٽ ڪري پرڻايو آهي پر چوندا آهن سس سس هوندي آهي ۽ ڏيرياڻي ڏيرياڻي، اهو تنهنجي زال اڄ ثابت ڪري ڏيکاريو".

"ڇا! هن توهان کي ابتو جواب ڏنو؟ ڪاڏي وئي ماءُ جي .....
"

پون ڪمري اندر ويو، شانتي چادر پائي سمهي پئي هئي. جهٽڪي سان شانتيءَ جي چادر لاهي پون هن کي ٻانهن کان پڪڙي اٿاريو.

"تون سمجهين ڇا ٿي پاڻ کي، منهنجي ڀاڄائيءَ کي جواب ڏيندينءَ؟"

"پر مون ڇا ڪيو؟ بخار هئڻ ڪري رڳو آرام ڪري رهي آهيان".

"بخار، ڪوڙ ٿي ڳالهائين".

پون هن کي ٻنهي ٻانهن کان پڪڙيو، شانتيءَ جو بدن گرم هيو، هن جي بدن جي گرمي پون جي اندر جي باھ جاڳائي ڇڏي. ڪنهن ڳالھ جي سزا هجي يا خوشيءَ جو احساس، پون کي رڳو

هڪ ئي ڪم ياد ايندو هو. هو شانتيءَ جي بخار کي وساري پنهنجي اندر جي باهه شانت ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي باهه ۾ تپندڙ شانتي پون جي باهه کي پڻ پاڻ ۾ جذب ڪري پنهنجي ڳوڙهن سان وسائي رهي هئي ۽ در جي چائٺ ڪان ٻاهر بيٺل پون جي ڀاڃائي پنهنجي جيت تي مسڪرائي رهي هئي.

"ڇا ڳالهه آهي شانتي! اڄ سنيل نه آيو آهي ڇا؟"
مايا جي پڇندي ئي شانتي ماضيءَ مان نڪري آئي.
"نه مايا! ان جو ئي رستو پيئي تي ڏسان، پون به بک تي آهن".
"پون به! يعني تون به...... ؟" مايا ڪلي ڏنو.
شانتيءَ مايا ڏانهن گهوري نهاريو ۽ ڪهري آواز ۾ چيو "پنهنجو ڪم ڪر، ٻين جي وچ ۾ دخل نه ڏي"
"پنهنجو ڪم ئي تي ڪريان. آخر تنهنجي پاڙي واري آهيان، پلو ٻرو چوڻ به آخر پاڙي وارن جو حق هوندو آهي".
"اڇا! تنهن مهل ڪاڏي ويو هو اهو تنهنجو حق، جنهن مهل منهنجو مڙس مونکي ماريندو هيو ۽ ظلم ڪندو هيو، ان وقت اهو ساڳيو ٻرو پلو چوڻ تنهنجي وات مان چو نه نڪتو؟"
"هو مڙس آهي تنهنجو، مان چو وچ ۾ ڳالهيان؟"
ٻنهي جو آواز ٻڌي ٻه ٽي ڄڻيون پاڙي واريون ٻيون به نڪري آيون ۽ مايا جي ها ۾ ها ملائڻ لڳيون.
"ها سهي ٿي چئين. تون ڇا ڪير به چو وچ ۾ ڳالهائي؟ اصل ۾ هيءُ عورت ذات جي عادت ۾ شمار آهي ته ڪنهن کي ويچارين نظرن سان ته ڏسي سگهنديون پر ڪنهن کي خوش نه



sindhsalamat.com

ڏسي سگهنديون آهن. مڙس پلي زال کي ڪتي وانگر ڪٽي، ان تي ڪجهه نه ڪچنديون، پر ڪو ان کي پيار ڏي اهو برداشت ڪونه ٿيندو اٿن. ڪنهن جو زارو قطار روئڻ ته سهي وننديون، پر ان جو ڪلڻ نه سهي سگهنديون".
ايتري ۾ سنيل اهو سڀ ٻڌندو اچي پهتو "شانتي! ماٺ ڪر، پاڙي جون عورتون آهن هي".
"ها سهي ٿا چئو، واقعي عورتون ئي آهن هي." چوندي پاڙي جي عورتن کي حقارت ڀريل نظرن سان ڏسندي شانتي سنيل سان گڏ اندر هلي وئي.



books.sindhsalamat.com

# وڪامجڻ جو سور

"جولي او جولي"!
"جي ميڊم"!
"هي گراهڪ آيو اٿئي، وني وڃينس اندر".
"نہ ميڊم! هينئر اجا هڪ کي موڪليو آهي، مان گهڻي ٿڪيل آهيان، هن کي شبنم وٽ موڪلينس".
"پر هن کي تون کپين، تنهنجا پئسا ڊنا اٿائين، گهڻا نخرا نہ ڪر، وني وڃينس".
"پر ميڊم! سمجهو تہ سهي".
"ڇا ڳالهہ آهي ميڊم! اڄ ڪلهہ تنهنجي ڇوڪرين جا نخرا تمام گهڻا وڌي ويا آهن." گراهڪ وچ ۾ ڳالهايو.
"نہ نہ صاحب! نخرا ڪونہ وڌيا اٿن، اجا ويچاري ننڍي آهي، ان ڪري جلد ٿڪجي ٿي پوي".
"ٿڪجي ٿي پوي تہ پو ڇڏينس، هن شهر ۾ ٻيا بہ ڪوٺا آهن ۽ اتي بہ سنيون ڇوڪريون آهن. هي تہ توسان پراڻا تعلقات آهن، ان ڪري تو وٽ ايندو آهيان".
"نہ نہ صاحب! توهان ڪاوڙجو نہ، مان سمجهيانس ٿي هن کي،" ميڊم جوليءَ ڏانهن مخاطب ٿي. "توکي گهڻا ڀيرا سمجهايو آ، تہ گراهڪ کي نہ ڪونہ چئبي آهي، هو ڀڳوان جو روپ هوندا آهن، هاڻي نخرا نہ ڪر وڃ جلدي".
"ٺيڪ آ ميڊم! " جولي ٿڌو ساهہ ڀريندي گراهڪ ڏانهن مخاطب ٿي "هلو اندر".



جولي، شبنم، ورشا ۽ انهن جهڙيون گهڻيون ئي ڇوڪريون جسم فروشيءَ جي ڌنڌي ۾ لڳل آهن. ڪن جو جنم ئي هن ماحول ۾ ٿيو، ڪن کي مجبوري وني آئي ۽ ڪن کي ڌوڪو. رات دير تائين ڪم ڪرڻ ڪري، صبح دير سان اٿنديون آهن. منجهند جو گهر جا ڪم ڪار ۽ شام ٿيندي ئي نهي سنيري گراهڪن جو انتظار ڪرڻ لڳنديون آهن. ڪهڙي گراهڪ کي ڪنهن وٽ موڪلڻو آهي ۽ ڪنهن جي قيمت ڪيتري آهي، اهو سڀ ميڊم طئہ ڪندي هئي ۽ ڪمائيءَ مان وڏو حصو پنهنجي لاءِ ڪٽي باقي پيسا ڇوڪرين کي ڏيندي هئي. جوليءَ جي اصلي نالي ۽ سندس ڌرم جي تہ ڪنهن کي خبر ڪا نہ هئي، پر هن جي عادت هئي تہ هوءَ وسپت ڏينهن موڪل ڪندي هئي، هوءَ وسپت جا ورت رکندي هئي.

ڪمري مان نڪري جوليءَ گراهڪ کان مشڪي موڪلايو.
"بس ميڊم! هاڻي ٻيو گراهڪ نہ موڪلجانءِ، اڄ تمام گهڻي ٿڪجي پئي آهيان".
"پر جولي"!
جولي ميڊم جو آواز ٻڌي اڻ ٻڌو ڪري اندر هلي وئي.

موڪل جو ڏينهن هوءَ ٽي وي ڏسي، پنهنجي من پسند ڊش ناهي ۽ ننڊ ڪري پورو ڪندي هئي. ٽي ويءَ ۾ جاڻ ڏيندڙ چئنل ڏسڻ هن کي گهڻو پسند هوندا هئا، ڇو تہ ان بهاني دنيا جي خبر پوندي هئس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وسپت ڏينهن به هوءَ ڊسڪوري چئنل ڏسي رهي هئي، جنهن ۾ آسٽريليا جي باري ۾ هڪ اسپيشل پروگرام هلي رهيو هو. اهو پروگرام ڏسي جوليءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي، سندس اکين ۾ جڻ ڪو سپنو تري آيو. سجو ڏينهن هوءَ خيالن ۾ گم، ڪنهن وقت ڪِلي پئي ته ڪنهن وقت مايوسي ڇائنجي ٿي ويس ۽ هن من ئي من هڪ فيصلو ڪيو.

اڄ ٻيون ڏينهن هيو، گراهڪ سان مشڪي موڪلائيندي جوليءَ چيو "ٻيهر جلد اچجو"

"ييس سئيٽي!" چوندي گراهڪ جوليءَ جي ڳل تي چونڊي پاتي.

"ميڊم! ٻيو ڪو گراهڪ آهي ڇا؟"

"نه اڃا نه ناهي، پر اڄ چڱي جوش ۾ آهين. ڇا ڳالهه آهي؟ ٻن ٽن گراهڪن ڪانپوءِ "ٿڪجي پئي آهيان" چوندڙ جولي اڄ چار گراهڪ نپٽائي پنجين لاءِ پئي ٿي پڇي. اڄ ايتري انرجي ڪٿان آندي اٿئي؟"

"منهنجي اکين هڪ سپنو ڏٺو آهي ميڊم! ۽ ان سپني کي پورو ڪرڻ لاءِ مونکي گهڻا پئسا جمع ڪرڻا آهن، جيترو جلد پيسا جمع ٿيندا اوترو جلد اهو سپنو پورو ٿيندو. بس ان ڪري ڊبل محنت ڪرڻي آهي. چڱو ڪو گراهڪ اچي ته موڪلجوس، مان انتظار ٿي ڪيان." چئي جولي اندر هلي وئي.

ميڊم خوش هئي، ڇاڪاڻ ته جيترا وڌيڪ گراهڪ جولي نپٽائيندي اوترو وڌيڪ ميڊم پڻ ڪمائيندي.


sindhsalamat.com

جيئن شام جو وقت ٿيو، سيئي ڇوڪريون نهي سنيري اچي ويٺيون.

"گڊ ايوننگ ميڊم"!

"اڙي جولي! اڄ تون ڪيئن؟ اڄ ته وسپت آهي ۽ وسپت ڏينهن ته تون موڪل ڪندي آهين".

"هاڻي وسپت جمعو ڪجهه نه ميڊم! هاڻي جيترو جلد ٿي سگهي، ڪم ڪري پئسا ڪمائڻا آهن".

"پر جولي! مان گذريل ڪجهه ڏينهن کان ڏسان پئي، تون پنهنجي وت کان وڌيڪ گراهڪ نپٽائين پئي".

"ڪا ڳالهه ناهي ميڊم! مان سنڀالي وٺنديس".

"پنهنجي حالت ڏٺي اٿئي! چهري تان رونق ئي گم ٿي وئي اٿئي. اهڙو ڪهڙو سپنو آهي، جنهن جي ڪري پنهنجو پاڻ کي داغ تي لڳائي ڇڏيو اٿئي".

"ميڊم! گراهڪ آيو اٿوَ." ڪنهن کي اندر گهڙندو ڏسي جوليءَ چيو ۽ ان گراهڪ ڏانهن ڏسي اشارو ڪيو.

گراهڪ پڻ جوليءَ کي هينان کان مٿي تائين ڏسي هن جي سرير جي اپارن کي اکين سان توريندي ميڊم ڏي نهاريو. "گهٽي قيمت آهي هن جي؟"

"اڙي صاحب! توهان جهڙا سيٺ ڪڏهن کان پيسي جي پرواهه ڪرڻ لڳا آهن." جوليءَ ميڊم جي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي گراهڪ جو هٿ پڪڙيندي چيو.

"پر پهرين پيسن جي باري ۾ ڳالهائي وٺون، پوءِ جي ڪٿ پٽ نه ڪپي".


books.sindhsalamat.com

"ڪا ڪٿ پٽ نه ٿيندي سيٺ! توهان کي ايترو خوش ڪنديس جو توهان پاڻ خوشي خوشي بنا حساب ملهه ڏئي ويندا".

"پر جي خوش نه ٿيس ته؟"

"سوال ئي ناهي سيٺ! ڪڏهن ڪو گراهڪ مايوس نه موٽيو آهي." گراهڪ جو هٿ پڪڙي جولي ڪيس اندر وٺي وئي.

ڪمري کان ٻاهر نڪري گراهڪ کان موڪلائيندي جوليءَ موهيندڙ انداز ۾ چيو "ٻيهر توهان جي اچڻ جو انتظار رهندو سيٺ"!

"ييس ڊارلنگ!" چوندي گراهڪ جوليءَ جي ڳل تي چمي ڏئي هليو ويو.

"ٻيو ڪو گراهڪ آهي ميڊم!؟"

"ٿورو آرام ڪر جولي! اڄ ڇهه گراهڪ تپٽائي چڪي آهين ۽ وري ستين لاءِ پئي ٿي پڇين".

"ها ميڊم! توهان کي چيو هو نه سپنو پورو ڪرڻو آهي".

"هيڏي اچ، منهنجي پرسان ويهه"

"ڇئو ميڊم! ڇا ٿيو؟" جوليءَ ميڊم جي پرسان ويهندي چيو .

"اهڙو ڪهڙو سپنو ڏٺو اٿئي، جو پنهنجي پرواهه ئي نه رهي اٿئي؟"

"مونکي پيسا ڪمائي آسٽريليا وڃڻو آهي"

"آسٽريليا! اڇا ته توکي وديش گهمڻو آهي".

"ها ميڊم! مونکي هڪ ڀيرو وديش وڃڻو آهي".

"ڇو؟ هتان وارا گراهڪ نه ٿا وڻني، جو توکي وديشي گراهڪ ڪپن." چوندي ميڊم ٺهڪ ڏنو.



sindhsalamat.com

"نه ميڊم! وديشي گراهڪ نه ڪپن، پر مان خود وديش ۾ گراهڪ ڳڻجي وينديس".

"تون گراهڪ ڳڻجي وينديءَ! مان سمجهيس ڪانه".

"ميڊم! آسٽريليا ۾ هڪ منڊي لڳندي آهي، جتي مرد وڪامجندا آهن ۽ اتي عورتون مردن جي ٻولي لڳائينديون آهن".

"اهو توکي ڪنهن ٻڌايو ته اتي مرد وڪامجندا آهن؟"

"ان ڏينهن ڊسڪوري چينل تي، هڪ منڊي ڏيکاريائون، جتي مردن جي ٻولي لڳي رهي هئي ۽ وڪامجندڙ مرد سڄو ڏينهن ان عورت جو، جنهن هن لاءِ سڀ کان وڏي ٻولي لڳائي هجي".

"تون اتي وڃي ڇا ڪندينءَ؟ "

"مان به اتي وڃي ٻولي لڳائي ڪنهن مرد کي خريد ڪنديس." اهو چوندي جوليءَ جي اکين ۾ چمڪ هئي .

"پر مرد کي خريد ڪري ڪندينءَ ته اهو ئي نه جيڪو هت ڪندي آهين ۽ جيڪو ڪم تون هتي پيسا وٺي ڪندي آهين، اهو ڪم اتي پيسا ڏئي ڪندينءَ"!

"ها ميڊم"!

"پر اها ڪهڙي عقل جي ڳالهه ٿي؟"

"تون نه سمجهندينءَ وڪامجڻ جو سور ميڊم! روز وڪامي تڪجي پئي آهيان، هڪ دفعو خريدار ٿي ڏسان، ته خريدار ٿيڻ ۾ ڪهڙي خوشي ۽ شانتي ٿي ملي".

"پر جولي! هڪ ڏينهن جي خوشيءَ لاءِ تون روز ايترا سور ٿي سهين؟"

"هڪ دفعو ئي سهي، ڪنهن مرد جي ڇهري تي وڪامجڻ جو سور ڏسڻ لاءِ مان ڪيترا به سور سهڻ لاءِ تيار آهيان. ڏس



books.sindhsalamat.com

ميڊم! گراهڪ آيو اٿئي." چئي جولي گراهڪ کي پنهنجي ادائن سان موهڻ لڳي ۽ ميڊم گراهڪ بدران جوليءَ جي چهري کي غور سان تڪيندي رهي.



sindhsalamat.com

# تيرٿ استان

"ڪيترو ڪجهه بدلجي ويندو آهي تاريخون بدلجنديون ئي. هفتا، مهينا ۽ سال، ڪيئن ۽ ڪيترو جلد نڪرندا ويندا آهن، خبر ئي نه پوندي آهي. پر نه رڳو تاريخون متجنديون آهن، ساڻ متجندا آهن سرير، رشتا ۽ انسان جا پد پڻ. ايئن ٿو لڳي جڻ ڪجهه سال پهريان جي ئي ته ڳالهه آهي، مان امان سان گڏ آئي هيس. اسان جي شاديءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو گهر کان ٻاهر نڪتي هيس، اهو به ان ڪري جو امان بابا کي چيو هو ته "هاڻي سيني ٻارن جي شادي ڪرائي اسان پنهنجين ذميوارين کان آزاد ٿياسين. هاڻي هل ته گنگا سنان ڪري اچون" تنهن تي بابا وراڻيو هيو "ٻئي ٻڍو ٻڍي اڪيلا ڪيئن هلون، ڪنهن کي ساڻ وٺي ٽا هلون." ۽ سيني جي سهمتي تي ته ننڍڙي ڪنوار کي وٺي وڃو، ان بهاني گهمي به ايندي. تنهن زماني ۾ اها هني مون واري روايت به ڪٿي هوندي هئي ۽ نه ئي ايتري حيثيت به هئي. سو امان بابا سان گڏ هردوار آياسين. الائي اسان هنن کي وٺي آيا هئاسين، الائي هو اسان کي".

سجاتا بس جي دريءَ سان مٿو ٽڪائي پنهنجن انهن خيالن ۾ گم هئي. هن پرپاسي جي سيٽن تي ويٺل نهرن ڏانهن نهاريو.

"ڪٿي تڏهن سس سان آئي هيس، ڪٿي اڄ نهرن سان آئي آهيان. مان به ته امان وانگر ئي چيو هو هنن کي پر ٻارن جي راءِ هئي ته سيئي ٽا هلون، هڪ فيملي ٽرپ ٿي ويندي. واقعي ڪيترو سٺو لڳندو آهي نه، پريوار سان نڪرڻ".

خود سان چوندي سجاتا اڪ ڀيري پنهنجي نهرن ۽ پٽن ڏانهن نهاريو. وڏي ننهن کي فوٽو گرافي ڪرڻ جو شوق هو، سو



books.sindhsalamat.com

سندس مڙس هڪ سني ڪيمرا وٺي ڏني هيس. جنهن سان هوءَ ٻاهرين نظارن جا فوٽو ڪڍي رهي هئي ۽ پر ۾ وينل مڙس پنهنجي موبائل ۾ رڌل هو. ننڍي ننهن گهر جي ڪم ڪار ۾ نه ماهر هئي پر ٽائيم ملندي ئي پلنگ تي ايئن وڃي ڪرندي هئي جڻ جنمن ڪان ننڊ جي اڃايل هجي. موقعو ملندي ئي سمهي پوندي هئي. سو هوءَ بس ۾ به اهو ئي ڪري رهي هئي. سندس پر ۾ وينل مڙس پڻ ننڊ ۾ هو.

"ڀڳوان هنن کي خوش رکي"

چوندي سڄاتا وري درياءَ ڪان ٻاهر ڏسڻ لڳي. وڏا ۽ ويڪرا روڊ، تن تي گاڏين جي اچ وڃ ۽ درياءَ مان اينڌڙ ٿڌڙي هوا ۾ هن جا وار چوٽيءَ مان نڪري هر هر ڳلن تي پئي آيا ۽ هن انهن کي آڱرين سان پڪڙي ڪنن پنيان پئي ورايو. وارن وانگر هوا هن کي پڻ ماضي ۽ حال ۾ لوڏي رهي هئي.

"گهاٽ جي پرسان ئي نه هڪ لاج ۾ لٿا هئاسين، جيئن گهاٽ تي اچڻ وڃڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي. هِنن به ڪمرا وٺڻ پئي چاهيا، پر امان چيو

"ڪهڙي ضرورت آهي ٻن ڪمرن جي، اجايو خرچ، هڪ ئي ڪمرو وٺ، تيرٿ استان تي آيا آهيو، صبر رکڻو پوندوَ".

امان اڪ ڏيکاري هئي ۽ هي امان جي اڳيان ڪجهه ڪچي ڪو نه پئي سگهيا، سو هڪ ڪمرو ورتائون".

سڄاتا پر ۾ وينل مڙس راجيش ڏانهن نهاريو ۽ هن جي چپن تي مرڪ اچي وئي. ٿڌي هوا جي جهوٽن راجيش جي اکڙين ۾ ننڊ جي سرائي پائي ڇڏي هئي.



"وقت ڪيترو به بدلجي ويو هجي پر هي ايترا ڪو نه بدليا آهن. بس رڳو هاٽي ٽورڙو پيٽ نڪري آيو اٿن ۽ جتي ڪارا ڳهاٽا وار هيا، اتان اڄن وارن جي وچ مان ٽوري ٽڪڻ ڏسڻ ۾ ٿي اچي."
سوچي سڄاتا مشڪي ۽ واپس ٻاهر نهارڻ لڳي.

بس هردوار جي حدن ۾ گهري چڪي هئي ۽ ان جي ٽائيد درياءَ مان نظر اينڌڙ گنگا ندي ڪري رهي هئي. سامهون گنگا نديءَ کي ڏسي سڄاتا هٿ جوڙيا.

"گهڻن سالن ڪان پوءِ درشن ڪيا آهن، ايترا سال گهر ۽ ٻارن ۾ نڪري ويا خبر ئي ڪا نه پئي"

درشن ڪرڻ سان ئي هن کي ياد اچي ويو امان جو تاڪيد .

"تيرٿ استان آهي هي، هتي صبر رکڻو پوندوَ، صبح ستو گهاٽ تي هلي ٽبي ڏينداسين ۽ ان ڪان پوءِ ڪجهه کائينداسين".

"امان جو چيل بابا به ڪو نه ٽاريندا هيا، سو صبح سويل اٿي ستو گهاٽ تي وياسين.

"چارئي ڳڏ ٽبي ڏينداسين ۽ باقي پوءِ سڄي پريوار جو نالو ڪٽنداسين، نه انهن جي ٽبي به ڳڏ ٿي ويندي. ننهن پٽ سان ڳڏ ٽبي ڏينداسين نه سڦلي به ٿيندي".

امان چيو هو ۽ چئني ڳڏ ٽبي ڏني هئي. پوءِ نه گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ جو نالو ڪٽي ۽ پوءِ خاندان جا جيترا ڄڻا ياد آيس تن جا نالا ڪٽي امان ٽبي ڏيندي وئي. ايتري ۾ هِنن چيُن

"بس ڪر امان! سڄي خاندان جا تون ئي پاپ ڌوئيندينءَ ڇا؟ ڪٽي پوءِ وري اسان کي نه تنهنجي نالي جي ٽبي ڏيڻي پوي".



sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

هِنن جي ائين چوندي ئي چارئي ڪيترو زور سان کليا هئاسين ۽ تنهن کان پوءِ ئي امان ٻاهر نڪتي هئي. ڳهاٽ تي ئي عورتن جي ڪپڙا بدلڻ جي جڳهہ ٺهيل هوندي آهي. مرد تہ اتي ئي ٽوال ويڙهي ڪپڙا مٽي رهيا هئا، امان ۽ مان اندر زائفن واري پاسي وياسين. صبح کان ڪجهہ نہ کاڌل ۽ ايتري سنان کان پوءِ لڳڻ لڳو جڻ ڪوئا اسان جي پيٽن ۾ ٽا ٽپيون ڏين، سو امان بابا کي چيو

"جيستائين توهان ماني گهرايو مان ۽ سجاتا الا ڪپڙا لاج ۾ رکي اچون ٿا".

"امان! تون ڪاڏي وينديئن؟ ترس مان وڃان ٿو سجاتا سان گڏ، توهان تيستائين ماني شروع ڪيو".

چئي هِنن مونکي هلڻ جو اشارو ڪيو .

"هڪڙو ڪم ڪر سجاتا! اڳو پو ڪپڙا سڪٽا وجهي اڇجانءِ تيستائين پاٽي بہ ڳڙي ويندو".

امان چيو ۽ مان ڪنڌ لوڏي هلي ويس. لاج جي ڪمري ۾ پهچندي ئي هِنن ڪمري جو در بند ڪيو ۽ مونکي ڀاڪر ۾ پريو.

"اڙي! هي چا ٽا ڪيو؟ امان منع ڪيو آهي".

"امان تہ پوڙهي ٿي وئي آهي، هن کي ڪهڙي خبر".

"پر هي تيرٿ استان آهي ۽ هاٽي ئي تہ سنان ڪري آيا آهيون".

"تہ هڪ ڀيرو وري سنان ڪري ونداسين. ڪنهن چيو تہ تيرٿ استان تي بہ پيرا سنان نہ ڪري سگهبو آهي؟"

"امان چيو هو نہ. وسري ويو؟"



sindhsalamat.com

"چري! اهي سپ رواج پوڙهن ئي ٺاهيا آهن، پاڻ تہ ڪجهہ ڪري سگهن ڪو نہ، ٻين کي وينا منع ڪندا، سو تون ڇڏ انهن کي".

چوندي هِنن مونکي زور سان ڀاڪر ۾ پريو هو "

بس ڪي بريڪ لڳندي ئي سجاتا ماضيءَ مان نڪري آئي.

راجيش بہ اٿي پيو ۽ سوال ڪيائين "چا ٿيو؟ "

سجاتا جي ڳلن تي جوانيءَ وارو نکار اچي ويو هو، شرم گڏيل مشڪ سان هن، رڳو نهہ ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪنڌ جو لوڏو خيالن ڏانهن وٺي ويس .

"ڪوري سليٽ وانگر ئي تہ ساهرن ۾ آئي هيس مان، جنهن تي امان پنهنجن تاڪيدن جي قلم سان پنهنجا نيئم لکندي وئي ۽ انهن مان ڪي نيئم هِي مٽائي پنهنجا نيئم لکندا هيا، پر جڻ تہ هِي امان جا نيئم آلي ڪپڙي سان نہ پر سڪي ڪپڙي سان مٽائيندا هيا جو ان ڪري نيئم تہ مٽجي ويندا هئا پر انهن جا نشان رهجي ويندا هئا ۽ مان ٻنهي جي نيئمن کي مڃيندي پاڻ ۾ جذب ڪندي ويس".

بس هڪ جڳهہ تي بيني ۽ سيئي بس مان لٿا. جتان آٽو ڪرايائون، آٽو اچي هڪ هوٽل اڳيان بينو.

سندس وڏي پٽ هڪ چابي ڏيندي چيو

"بابا! توهان جو ڪمرو هتي هيٺ ئي آهي، باقي اسان کي مٿيان ڪمرا مليا آهن".

"پر الڳ الڳ ڪمرا چو، لاج ۾ رهون ها نہ؟ " سجاتا چيو

"ڪمرا وٺي ورتا آهن امان! تون چنتا نہ ڪر، تنهنجا پٽ هاٽي ڪمائيندا آهن." چوندي هن سجاتا کي ڀاڪر پاتو .



books.sindhsalamat.com

"نيڪ آهي، جيئن توهان کي سهي لڳي، پر گهاٽ تي صبح سيئي گڏ هلنداسين. " چوندي هوءَ نهرن ڏانهن مڙي "تيرٿ استان........ " چئي سجاتا اڌ ۾ پنهنجا لفظ پاڻ ئي ڳهي وئي. هن کي راجيش جي چيل ڳالهه ياد اچي وئي.

"اهي سڀ رواج پوڙهن ئي ناهيا آهن ".........

سجاتا ڳالهه مٽيندي چيو "صبح سيئي گڏ ٽبي ڏينداسين".

"جي امان! اسان کي خبر آهي." چئي سيئي پنهنجي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليا ويا .

صبح گهاٽ تي پهچي سجاتا ڏاڪڻين تي ويهي رهي .

"هلو نه امان! هلي ٽبي ڏيون" نندي ننهن سجاتا سان مخاطب ٿي

"نه، توهان وڃو، مان هتي ويهي سامان جي سنڀال ڪيان ٿي".

"پر اسان وٽ ته رڳو ڪپڙا آهن ۽ هتان ڪپڙا ڪير ڪٽندو؟ هلو توهان چنتا نه ڪيو" وڏي ننهن سجاتا کي چيو

"نه، بس مان ويني آهيان، توهان وڃو سيئي" چوندي سجاتا گنگا ڏانهن تمام گهٽي پاڀوھ مان نهاريو .

"پر امان"!

نندي ننهن اجا ڪجهه چوي ايتري ۾ وڏي ننهن هن کي نوٽ هٽندي سجاتا جي پڳل وارن ڏانهن اشارو ڪندي ڪن ۾ چيائين "هن عمر ۾، سو به تيرٿ استان تي" چئي هوءَ کلي ۽ سجاتا ڏانهن مخاطب ٿي "هلو نه امان، توهان چيو هو ته گڏ هلي ٽبي ڏينداسين." جڻ هوءَ سجاتا کي چيڙائي رهي هئي .



sindhsalamat.com

وڏي ننهن جو سس کي ائين چيڙائڻ نندي ننهن کي نه وڻيو، هن حقارت سان ڏسندي هوريان چيو

"پوءِ ڇا ٿيو، هر انسان کي ڪهڙي به عمر ۾ خوش ٿيڻ جو حق هوندو آهي" ۽ سجاتا ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو "هلو نه امان! ڪنهن چيو آهي ته تيرٿ استان تي بيهر سنان نه ڪري سگهبو آهي".



books.sindhsalamat.com

تان هلي ٻنهي جهانن کان وڃڻو ئي آهي ته پوءِ ڪجهه نه ڪري وڃڻ کان ڪجهه ڪري وڃڻ ڀلو، گهٽ ۾ گهٽ افسوس ته نه ٿيندو.

پر ڇا ان ڪني ميڇڙ سان دوستي رکي سگهندينءَ؟ جيڪو سڄو ڏينهن ويهي پان کائي، ڳالهائي ته سندس وات مان سامهون واري تي ٿڪن جي برسات ٿي وڃي ۽ ڏند ڏنا اٿسي، صفا ڳاڙها.

ها ڏنا آهن، جنهن مهل ڇوڪرين کي ڏسي ڪلندو آهي ته دل چوندي آهي مڪ هڻي سڀ ڏند ڀڃي ڇڏيانس.

پوءِ تون هن سان رڳو پاس ٿيڻ لاءِ دوستي ڪري سگهندينءَ؟

ٻيو ڪو رستو ناهي مون وٽ. ياد اٿئي نه پهرين پيپرن ۾ زوريءَ فيل ڪيو هئائين ۽ رڳو مون کي نه پر ٻين ڇوڪرين سان پڻ ايئن ئي ڪيائين ۽ جڏهن اسان جا ماءُ پيءُ آيا ته چيائين ٽيوشن تي موڪليونِ. ڪيمٽي کي پئسا به ڪپن ۽ ڳالهائڻ لاءِ ڇوڪريون به ڪپن.

هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي، هي مرد ذات ايئن ڇو هوندا آهن! بس ڪا سٺي ڇوڪري ڏٺي ناهي ۽ گگ ڳڙي ايندي اٿن. پوءِ پوريءَ طرح سان ان ڪوشش ۾ لڳا پيا هوندا آهن ته ان ڇوڪريءَ سان ڪيئن ڳالهائڻ ٿئي.

ها سهي ٿي چئين، اهڙن مردن جي ڪري ئي گهٽيون ڇوڪريون گهر ويهڻ پسند ڪنديون آهن ۽ جيڪي ٻاهر نڪرن انهن کي انهن سيني ڳالهين سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. هي مرد ذات ئي ڀڳوان ڪني ناهي آهي.

مون کي ته سمجهه ۾ ڪو نه ٿو اچي ته اهڙي سوچ وارا ماڻهو پاڻ کي مرد چوندا ڪيئن آهن !



books.sindhsalamat.com

## سمجهوتو

تون سنيرين ٿي، سر سان ملڻ لاءِ؟

مون وٽ ٻيو ڪو رستو آهي؟

پر هي به ته سهي ناهي نه.

سهي ته ڪو نه آهي، پر ڇا ڪريان؟ تون ئي ٻڌاءِ.

گهر وارن کي ٻڌائي سگهين ٿي، پوليس ۾ پڻ ڪمپلينٽ ڪراءِ .

گهر وارن کي ٻڌايان، هو سمجهندا؟ ياد ڪونه اٿئي ڪجهه وقت پهرين جڏهن مون امان کي ٻڌايو ته منهنجو پريون ڇاڇو مون کي غلط طريقي سان هٿ لائي پيو ته ڇا ٿيو هو؟

ها، ها ياد آهي، ان مهل امان توکي ئي دڙڪا ڏنا هئا، ته تون ان جي سامهون سنوت سان نه هلين هوندينءَ ۽ چپ رهڻ جو تاڪيد ڪيو هو.

پوءِ هاڻي سر لاءِ ٻڌائيندين ته مڃيندا؟ مون کي ته لڳي ٿو پڙهائي ئي بند ڪرائي، گهر ويهاري ڇڏيندا.

ها اهو به ٿي سگهي ٿو. پر ڇا پڙهائي ڪرڻ لاءِ اهو ڪرڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن گهر وارن کي بعد ۾ خبر پئي ته ڇا توکي معاف ڪندا؟

نه، معاف ته نه هيئن ڪندا نه هونءَ ڪندا.

جڏهن سمجهين به ٿي ته پوءِ ڇو اهو قدم ٿي کڻين؟

ان ڪري جو، جيڪڏهن نه کڻنديس ته به گهر وارن کي ريزن ٻڌائڻو پوندو، تڏهن به دڙڪا مان ئي کائينديس ۽ نه ٻڌائينديس ته حالي پڙهائي ته ڪري سگهنديس. جڏهن ٻنهي رستن



sindhsalamat.com

ها من! پر هاڻي هل، ٽائيم ٿيو آهي سر وٽ هلڻ جو، اجا در بہ بند ڪرڻو اٿئي. ياد اٿئي نہ اڄ گهر ۾ ڪوئي بہ ڪونہ آهي. هاڻي جڏ پاڻ سان ڳالهائڻ ۽ هل.

ها هلان ٿي، پر اڄ منهنجو پنڌ هلڻ جو موڊ ناهي، سو رڪشا ۾ ٿي وڃان.

هاڻ هن ڪميٽي رڪشا واري کي ڏس، شيشو ائين ٿو ناهي جيئن ڪا ڇوڪري ڏني ئي ڪا نہ اٿائين. دل تہ ٿي چئي ٿي شيشي مان ئي نڪري نڪ تي مڪ هڻي ڪڍانس. ڇا ڪندو شيشي ۾ شڪل ڏسي؟

ها ها ها... توکي لڳي ٿو هن رڳو تنهنجي شڪل ڏسڻ لاءِ شيشو ناهيو آهي؟ ترس، اچڻ ڏي کو بريڪر، پوءِ ڏسجانءِ ڪيئن آٿو کي جهاڪو ڪارائيندو ۽ پوءِ ان شيشي ۾ ڇا ڇا لڏندي ڏسندو، خبر پئجي ويندئي.

اف..... تڏهن ئي تہ چيو تہ هي مرد سڀ هڪ جهڙا ئي هوندا آهن.

ڇا منهنجي ڀاءُ ۽ پيءُ جي سوچ پڻ ساڳي ئي هوندي؟

نہ نہ، هنن جي اهڙي سوچ تہ ڪڏهن ظاهر نہ ٿي آهي.

ڪهڙي خبر، گهر ۾ سهي هجن ۽ ٻاهر هو بہ ائين ئي ڪندا هجن.

نہ مونکي ائين نہ ٿو لڳي.

چو، توکي چو نہ ٿو لڳي ڀلا، ڇاڪاڻ تہ اهي تنهنجا ڀاءُ ۽ پيءُ آهن؟


sindhsalamat.com

رڳو ان ڪري نہ، پر ڏنو ڪو نہ اٿئي، گهر ۾ اسان سيني عورتن تي ڪيئن ڪاوڙ ڪندا آهن، "ڊنگ جو لٺو پايو، تهذيب سان اٿو ويهو" نہ انهن جي سوچ ائين نہ هوندي.

ڀڳوان ڪري تنهنجي سوچ سهي هجي، پر هل هاڻي اچي ويو ٽيوشن سينٽر. هلي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي.

"مي آءِ ڪم ان سر!؟"

ٿلها ڳاڙها ڏند ڪڍندي مچڙ مشڪيو ۽ من ئي من چوڻ لڳو. مشڪندي اچي ٿي ۽ نهي سنيري پڻ آئي آهي، لڳي ٿو منهنجي ڳالهہ مڃي وئي .

"ييس ييس ڪم ان ڊيئر"!


books.sindhsalamat.com

## پير جو آشرواد

"آرتي او آرتي"!

"جي آئي ممي"!

"جلدي ڪم لاهي تيار ٿي، پوءِ اسان ٻئي هلون ٿا "

"ڪاڏي هلڻو آ ممي؟ "

"مينا ٻڌائي پئي ته سمرات نگر ۾ هڪڙو وڏو پهتل پير آيو آهي، جنهن جو درشن ڪري آشرواد وٺي، هن جا ٻڌايل ڏس پتا ڪرڻ سان چڱن ماڻهن کي اولاد نصيب ٿي آهي، مون سوچيو توکي به وٺي ٿي هلان، متان ان پير جي آشرواد سان، تنهنجي گود پرجي"

"پر ممي! اهي سڀ سڪٽيون ڳالهيون آهن، ڪنهن پير فقير جي آشرواد سان ڪجهه ڪو نه ٿيندو آهي ".

"بحث نه ڪر، توکي جيڪو چيم اهو مڃ، شادي ڪئي پنج سال ٿيا اٿئي، اڃا تائين هڪ وارث نه ڏئي سگهي آهين، ، وڃ جلدي تيار ٿي اچ"

"پر ممي"!

"توکي هڪ ڀيري ۾ ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي"!

آرتي سس جي اڳيان ڪجهه ڪچي ڪا نه سگهي ۽ ڪمري ۾ هلي وئي. هن جو موڊ خراب ڏسي ديپڪ ئي ڪائنس پڇيو "ڇا ڳالهه آهي آرتي! تنهنجو موڊ ڇو خراب ٿو لڳي.؟"

"ديپڪ! مان هاڻي هي مندر، ٽڪاڻا گهمي گهمي ۽ ورت رکي ٿڪجي پئي آهيان، ممي ته خير پراڻي زماني جي ٿي پر توهان ته پڙهيل ڳڙهيل آهيو، توهان چو نه ٿا سمجهو ته هنن پيرن



sindhsalamat.com

فقيرن وٽ وڃڻ سان ڪجهه ڪو نه ٿيندو، ٻار ٿيڻ لاءِ ورتن جي نه ٽريٽمينٽ جي ضرورت آهي ۽ ڪنهن پير جي نه ڊاڪٽر جي ضرورت هوندي آهي. ممي ته منهنجي ڪا ڳالهه نه ٿي ٻڌي، گهٽ ۾ گهٽ توهان ته ٻڌو".

"مان توسان گڏ آهيان آرتي! پر مميءَ کي ڪير چوي، هوءَ ٿوري پراڻن خيالن جي آهي"

"مڃان ٿي مميءَ جا خيال پراڻا آهن، پر توهان جا ته ناهن نه، اسان ٻئي مميءَ کي بنا ٻڌائڻ جي ٽريٽمينٽ ڪرائي سگهون ٿا".

"توکي چڱيءَ طرح خبر آهي مان مميءَ سان ڪوڙ نه ڳالهائيندو آهيان ۽ هيئن لڪي ڇپي ڪري ڪم ڪرڻ مون کي ڪونه ايندا آهن ۽ نه ئي ڪا مون کي ڪنهن ڊاڪٽر ڪان ٽريٽمينٽ جي ضرورت آهي، مان مرد آهيان مرد، آئي ڳالهه سمجهه ۾؟ هاڻي وڃ جيئن ممي چوئي ٿي تيئن ڪر، مونکي سوال جواب نه ڪپن" .

آرتي اندر ئي اندر لڇندي رهجي وئي پر سس جي ڳالهه مڃڻ ڪان سواءِ ڪجهه ڪري ڪا نه سگهي.

پيرن فقيرن جي ڏسن پتن تي نهڪر ڪرڻ واري آرتي هاڻي پاڻ ئي ان پير جي ڏسن تي هلي رهي هئي. هن جو بغاوت ڪرڻ وارو سڀاءُ مٽجي ويو هو، سس جي چوڻ تي ورت پڻ رکڻ لڳي ۽ جيئن چيو وڃي تيئن ڪرڻ لڳي. ڊاڪٽر ڏي وڃڻ جي ڳالهه پڻ ڪا نه ڪري رهي هئي. اهو ڏسي ديپڪ خوش هو، روز جي سوالن جوابن ڪان هن کي ڇوٽڪارو ملي ويو هو ۽ گهر ۾ سس ۽ نهن جي کٽ پٽ پڻ شانت هئي .



books.sindhsalamat.com

آرتي جيئن ننڊ مان اٿي هن کي الٽي ٿيڻ لڳي، آرتيءَ کي الٽي ڪندو ڏسي ديپڪ ٿورو گهٻرائجي ويو "ڇا ٿيو آرتي طبيعت نيڪ ڪا نه اٿئي ڇا؟ "

"الائي ڇو الٽيون ۽ چڪر ٿا اچن "

"ڪلهه ڪجهه الٽو سڌو کاڌو هوندئي، انڪري فوڊ پوائيزننگ ٿي وئي هوندئي "

"ها ٿي سگهي ٿو، ڪلهه چٽڻي کاڌي هئي." ڪجهه سوچيندي وري آرتيءَ چيو "ٿي سگهي ٿو ايسڊٽي هجي، پيريڊس پڻ ليٽ ٿي ويا آهن "

"هل ڊاڪٽر ڏي ٿا هلون، دوا وٺنديءَ ته نيڪ ٿي ويندينءَ"

"پر، اڄ دوا ڪيئن وٺنديس، اڄ ته منهنجو ورت آهي".

"ڇڏ هاڻي ورتن کي، پهريان پنهنجي طبيعت کي ڏس، تون نيڪ هونديءَ ته بار به ٿي ويندو ".

"واڌايون هجن مسٽر ديپڪ! آرتيءَ کي ڏينهن چڙهي ويا آهن، جلدي توهان جي اڱڻ ۾ خوشيون اچڻ واريون آهن" .

"ڇا! " ديپڪ حيران ٿي ويو" توهان سچ ٿا چئو ڊاڪٽر!؟"

"ها مسٽر ديپڪ" !

آرتيءَ مشڪندي ديپڪ ڏانهن نهاريو، پر ديپڪ کي اڃا به پنهنجن ڪنن تي وشواس ڪو نه پئي آيو .

گهر وڃڻ بدران ديپڪ گاڏي هڪ گارڊن وٽ روڪي "هل ٿوري دير هتي ٿا ويهون"

"هت، پر هت ڇو؟ سڌو گهر هلو ته مميءَ کي اها گڊ نيوز جلدي ڏيون، هو پڻ ڪيترا نه خوش ٿي ويندا"



sindhsalamat.com

"ها هلون ٿا، پهرين هتي ويهه، توسان ڪجهه ڳالهائڻو آهي ".

گارڊن ۾ ڪنڊ واري بينچ تي وڃي ٻئي ڄڻا ويهي رهيا.

آرتي جيترو خوش هئي، ديپڪ اوترو ئي منجهيل ڏسڻ ۾ پئي آيو.

"ڪهڙي اڻ تڻ ۾ آهيو؟"

"آرتي! مون توکان هڪ ڳالهه لڪائي آهي، پر هاڻي توکان وڌيڪ نه لڪائي سگهندس"

"ڪهڙي ڳالهه لڪائي اٿوَ؟"

"ڪاليج جي ڏينهن ۾ منهنجو بائيڪ سان ايڪسيڊنٽ ٿيو هو، اها ڳالهه ته توکي خبر آهي".

"ها توهان ٻڌائي هئي، پر هيئنر ان ڳالهه جو ذڪر ڇو؟"

"ان ايڪسيڊنٽ ۾ مونکي رڳو ٻاهريان ئي ڌڪ نه لڳا هئا، پر اندروني ڌڪ پڻ لڳا هئا ۽ ان ايڪسيڊنٽ منهنجي پيءُ ٿيڻ جي سگهه کسي ڇڏي هئي".

ديپڪ هيٺ زمين ۾ نهاريندو رهيو ۽ آرتي ديپڪ ڏانهن حيرت مان نهاريو پئي، اهي لفظ ٻڌي هن جي نيڻن ۾ پاڻي پرجي آيو.

"توهان کي پهريان ئي ان ڳالهه جي خبر هئي ته توهان پيءُ نه ٻڻجي سگهندا"....

"ها...... ايڪسيڊنٽ جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ئي ڊاڪٽر ٻڌايو هيو"

"ان ڳالهه جي خبر ممي پپا کي به هئي؟"

"نه، مون ڊاڪٽر کي منع ڪئي هئي، ته هو ڪنهن کي نه ٻڌائي"



books.sindhsalamat.com

"توهان کي ان ڳالهہ جي خبر هئي تڏهن توهان ڊاڪٽر ڏي هلڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ نہ ئي مونکي ٻڌائڻ ضروري سمجهيو. جڏهن بہ مون توهان کي چيو مان ڏس پتا ڪري، ورت رکي، ٿڪجي پئي آهيان، مون کان هي سڀ ڪو نہ ٿو ٿئي، تڏهن بہ توهان نہ مون کي ۽ نہ پنهنجي ماءُ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي...... واهہ ديپڪ! تمام سٺو ڪيوَ"

"اهو سڀ ڇڏ، مون کي اهو ٻڌاءِ تہ جڏهن مان پيءُ ٻڻجي ئي نہ ٿو سگهان تہ تون پيٽ سان ڪيئن ٿي آهين! ڪنهن جو ٻار آهي هي، ڪاڏي وئي هئينءَ خاندان جي عزت وڃائڻ؟ " ديپڪ جو آواز کهرو هو.

"واهہ.... اڃا بہ توهان کي منهنجين تڪليفن جو ڪو بہ احساس ڪونهي، پر ان ڳالهہ جي چنتا آهي تہ مان ڪاٿي وڃي خاندان جي عزت وڃائي آيس! مون تہ سوچيو هو توهان کي سچ ضرور ٻڌائيندس پر هاڻي نہ ديپڪ....! جنهن انسان کي منهنجي تڪليف سان واسطو ناهي ان کي سچ ڄاڻڻ جو ڪو حق ناهي........ هلو گهر" آرتي اٿي بيٺي

"گهر...! تون گهر هلڻ جي لائق رهي آهين!؟"

"هلو تہ سهي، گهر هلون ٿا، مان توهان جي گهران پنهنجو سامان کڻي وينديس ۽ ويندي ويندي مميءَ کي بہ ٻڌائيندس تہ پير جو آشرواد سڦل ٿيو اٿوَ، انهن کي بہ تہ خبر پوي پير ڪيترو پهتل آهي ۽ توهان پوءِ پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ هن سماج کي بہ منهنجي گهر ڇڏي وڃڻ جي وجهہ ٻڌائجو، هلو اٿو، توهان ٻڌائي سگهندا سيني کي، چو تہ توهان ئي چيو هو تہ مرد آهيو توهان مرد"

ديپڪ بي حواس ٿي بينچ تي وينو رهيو.



## مان بہ شريف آهيان

سهاني واريءَ تي ويهي سمنڊ ڏانهن غور سان نهاري رهي هئي، لهر مٿان لهر ڇولين جي اچ وڃ چالو هئي، هڪ ڇولي اڃا موٽڻ جي نہ ڪري تہ ٻي اچي مٿان پهچي، لڳي رهيو هو ڄڻ پهرين ڇولي موٽندي وقت ٻيءَ کي روڪڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، پر ايندڙ ڇولي نظر انداز ڪندي اڳتي وڌي ٿي وئي. ايئن ئي ڇوليءَ مٿان ڇولي وارو سلسلو جاري رهيو. آسمان ۾ چنڊ پنهنجي پوري شباب تي هو، ان جي پر پاسي ۾ ڪوبہ تارو ڏسڻ ۾ نہ پئي آيو، ٿورو پرتي بس رڳو هڪ تارو چمڪي رهيو هو.

"لڳي ٿو چنڊ پڻ اڄ مون وانگر تارن کان پري اڪيلو گهمڻ نڪتو آهي، مون کي پڻ اڄ ئي تہ موقعو مليو آهي اڪيلي نڪرڻ جو، چاڪاڻ تہ جيڪو سيٺ مونکي ايسڪارٽ ڪري گووا وٺي آيو آهي، سو پاڻ ڪسِنو ۾ جوئا کيڏڻ ويهي رهيو ۽ مون کي موقعو ملي ويو پاڻ سان وقت گذارڻ جو".

سهاني ڪجهہ گهڙيون پاڻ سان اڪيلائپ ۾ گذارڻ جي خواهش کڻي سمنڊ جي ڪناري تي آئي هئي پر هر ڪو نہ ڪو اچي هن کي سوچن جي سمنڊ مان ٻاهر ڪڍي رهيو هو. ڪنهن مهل ڪا ريگزين جون چوڙيون کپائڻ واري اچي پڇي تہ ڪنهن مهل اينڪليٽ وڪڻڻ واري اچي هن جي سوچن جي لهرن آڏو رڪاوٽ ٻڻجي رهي هئي.

آخر سهاني تنگ ٿي اٿي "ان کان تہ سٺو آهي مان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ويهان ۽ ٻاهران ڊو ناٽ ڊسٽرب جو بورڊ هڻي ڇڏيان، گهٽ ۾ گهٽ شانتيءَ سان تہ ويهي سگهنديس".




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيندي هوءَ واپسيءَ لاءِ مڙي. ٿورڙو اڳتي وڌندي ئي اسپيڪرن تي وڄندڙ تيز ميوزڪ ۽ گوڙ گهمسان ۾ لهرن جو آواز غائب ٿي ويو.

گووا جي سمنڊ جي اها خاصيت آهي ته هو پنهنجي لهرن سان گڏ آزاديءَ جي هوا کڻي ايندو آهي. آزادي نچڻ ڳائڻ جي، آزادي نشي جي، آزادي سڄي رات ڪلب ۾ گذارڻ جي، آزادي فضا کي سگريٽ جي دونهين سان پري ڇڏڻ جي ۽ آزادي هر طرح جا ڪپڙا پائڻ جي. هتي هرڪو جڻ پنهنجي مستيءَ جي نشي ۾ چور آهي، ڪنهن کي به ٻئي کي ڏسڻ لاءِ وقت ئي ڪونهي. پر ها ننڍي سوچ رکندڙ ماڻهو هي ماحول ڏسي وائڙا ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ گووا جي ماحول کي خراب سمجهندا آهن، انهن جي نظر ۾ گووا رڳو مردن جي موج مستيءَ وارو شهر آهي.

سهاني پنهنجي هوٽل ڏانهن ويندي پرپاسي جو ماحول پڻ ڏسڻ لڳي، پاڻيءَ ڪان پري هڪ پاسي واريءَ تي ئي ننڍا ننڍا ٽينٽ لڳل هئا، جن ۾ ٽيبل، صوفا ۽ ڪجھ ڪرسيون رکيل هيون. ڪي ٽينٽ خالي ته ڪن ۾ ڪجھ ماڻهو ويهي ڪائي پي رهيا هئا، انهن جي پنيان ننڍا هوٽل هيا جن کي اوپن بار پڻ چئي سگهجي ٿو، جتي وڏن وڏن اسپيڪرن ۾ وڏي آواز ۾ گانا وڄي رهيا هئا. ڪجھ ماڻهو اتي بيهي نچن ته ڪي ٻين کي نچندو ڏسي رهيا هئا. ڪن جي هٿن ۾ جام ته ڪن جي هٿن ۾ حقي جا پائيپ. انهن ۾ ڇا ڇوڪرا ۽ ڇا ڇوڪريون، جڻ سڀ هڪ هئا. سهاني ڪجھ پلن لاءِ اتي ئي بيهجي وئي، هن جي سامهون به تمام گهڻيون سهڻيون ڇوڪريون وينيون هيون، جن جي هٿن ۾ بيئر جا گلاس هئا ۽



sindhsalamat.com

پنهنجي مستيءَ ۾ مگن حقي مان ڪش پري ايئن دونهون فضا ۾ ڇڏي رهيون هيون جيئن ڪوئلي جي انجڻ واري ريل گاڏي دونهون ڇڏيندي آهي. وڄندڙ تيز ميوزڪ تي ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي ئي جهومي پون يا ڪنهن مهل پاڻ ۾ ڪجھ ڳالهائي ڪلن. ڪپڙن جي نالي تي بيڪ ليس ٽاپ ۽ شاٽس، ڇئجي ته بس بدن جا ضروري حصا ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا.

"ڏسڻ مان ته ڪنهن وڏي گهر جون ٿيون لڳن، پر لڳي ٿو اڪيليون ئي آيون آهن، ساڻ ته ڪير به ڪونه اٿن، شايد هي به مون وانگر...... نه نه" پنهنجي ئي سوچ کي پاڻ ئي نهڪاريندي سهانيءَ سوچيو "هي مون وانگر ته ڪنهن به طرح نه ٿيون لڳن، ڪاڏي مان هڪ بدنام بستيءَ واري ۽ ڪاڏي هي شاهوڪار، خانداني ۽ شريفن جي پاڙي جون ڇوڪريون، مان به نه پنهنجي پيٽ ڪنهن سان به ڪندي آهيان." سوچيندي سهاني اڳيان وڌڻ لڳي. "پر هنن ڇوڪرين جي زندگي ڪيئن هوندي؟ مون کي ته نه ٿو لڳي هنن کي ايتري آزادي هوندي جو هي اڪيليون گووا اچن، ٿي سگهي ٿو هتان جون ئي رهواسٽيون هجن. هنن جي زندگي ڪيئن آهي، ڪاش! ڪڏهن اهو ڏسڻ جو موقعو ملي".

ايتري ۾ هن جي نظر سامهون ڪلب ڏانهن کڄي وئي، جيڏانهن اهڙن وڏن گهرن جا ڇوڪرا ڇوڪريون وڃي رهيا هئا، پر اندر وڃڻ لاءِ انٽري فيس هئي، فيس ڀرڻ ڪانپوءِ هُنن جي هٿ ۾ ڪاڳر جو بيلٽ ٻڌي اندر وڃڻ ڏنو پئي ويو. ڪجھ ڇوڪرا ٻاهر بينا هئا، شايد ڪلب وارا هنن کي اندر وڃڻ جي اجازت نه ڏئي رهيا هئا ۽ هو اتي ئي بيهي ڪلب ۾ اندر ويندڙ ماڻهن کي تمام گهڻي حسرت منهجان ڏسي رهيا هئا.



books.sindhsalamat.com

"چو نہ ڪلب ۾ اندر هلي ڏسجي تہ ڇا ٿيندو آهي اُت، اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن ڪلب وڃڻ جو موقعو ڪونہ مليو آهي، ها سنگيت سان تہ روز ئي واسطو پوندو رهي ٿو"

ايٽري ۾ ڪلب جو در ڪليو ۽ اندر وڄندڙ گاني "چڪني چميلي، چپ ڪي رڪيلي، پئوا چڙها ڪي آئي..... " جو آواز هن جي ڪنن تائين پهتو. ٻڏي سهانيءَ ڪي ڪل اچي وئي ۽ هن اندر وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ڪائونٽر نما ٽيبل وٽ وڃي ٽڪيٽ پڇي، ڪيس جواب مليو "سنگل گرل لاءِ انٽري فري آهي".

ڪائونٽر وارو جيئن ئي هن جي هٿ تي اندر وڃڻ جي اجازت وارو بيلٽ ٻڌڻ لڳو هڪ ڇوڪري پنيان اچي پڇيو "ميڊم! توهان اڪيلا آهيو؟"

سهانيءَ پوئتي مڙي هن ڇوڪري ڏانهن سوالي نظرن سان ڏسندي جواب ڏنو "ها"

"ميڊم! اِف يُو ڊونٽ مائينڊ، توهان مون سان گڏ ايز اي ڪپل انٽري ڪندئو؟ توهان چنتا نہ ڪريو انٽري فيس مان ئي ڀريندس، بس رڳو توهان مون سان انٽري ڪريو." ڇوڪرو هڪ ساهيءَ ۾ چئي ويو.

"پر مان توهان سان انٽري ڇو ڪريان؟ سنگل گرلز لاءِ انٽري هونئن ئي فري آهي".

"جي ميڊم! پر بوائيز ڪي اڪيلي انٽري ڪانهي، مان ٻاهران آيو آهيان ۽ مون سان گڏ ڪا ڇوڪري ناهي، منهنجن ٻين دوستن سان گڏ ڇوڪريون آهن ان ڪري هو اندر هليا ويا ۽ مان رهجي ويس. جيڪڏهن توهان مون سان ايز اي ڪپل انٽري ڪندئو تہ اندر ڊرنڪس ۽ سنيڪس پڻ فري آهن، جيڪي فري واري



sindhsalamat.com

انٽري ۾ ناهن. سو مون سان گڏ انٽري ڪرڻ ۾ توهان جو ئي فائدو آهي".

"پر جي مون ڪي توهان سان گڏ ڊانس نہ ڪرڻي هجي تہ؟"

"ڪا ڳالھ ناهي ميڊم! بس توهان انٽري ڪرايو، پوءِ ڀلي توهان الڳ ٿي وڃجو،مان توهان ڪي پريشان ڪونہ ڪندس".

ڪجھ سوچي سهاني راضي ٿي وئي. اندر ويندي اهو ڇوڪرو "ٿئنڪس" چئي غائب ٿي ويو. اندر روشني تمام گهٽ هئي ۽ رنگ برنگي ٻرندڙ لائيٽن ۾ بس ضرورت جيترو ئي ڏسڻ ۾ پئي آيو. تيز ميوزڪ ڪي انجواءِ ڪندڙ ماڻهن جو هڪ هجوم هيو، ايترا ڇتا جو تر ڇنڊڻ جي جڳھ نہ هئي. هرڪو پنهنجي مستيءَ ۾ مگن هيو، ڪنهن ڪي ڪنهن جي پرواھ نہ هئي. سهاني پنهنجي لاءِ هڪ ڊرنڪ وٺي ڪنڊ ۾ ٻيهي سڄي ماحول جو جائزو وٺڻ لڳي. ايتري ۾ گانو وڳو "مني بدنام هئي ڊارلنگ تيري ليي..... " سهانيءَ جي چپن مان ازخود نڪتو "تو هتي بہ منهنجو پيڇو ڪونہ ڇڏيو!" ان گاني جي ڌن ۽ رنگ برنگي لائيٽ ڪيس وهائيندي ماضيءَ ڏانهن وٺي وئي.

بيڪ گرائونڊ ۾ گانو وڄي رهيو هو "مني بدنام هئي ڊارلنگ تيري ليي...... " جنهن تي گهاگهرو ۽ بلائوز پاتل، وار کليل، نارمل ڪان ڪجھ وڌيڪ ميڪ اپ ڪيل سهاني ۽ ان سان گڏ ڪجھ ٻيون ڇوڪريون نچي رهيون هيون. ايتري ۾ هڪ ڄڻي سهانيءَ ڪي نوٽ ڏيکاريندي پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيو. نوٽ ڏسي سهاني مشڪندي هن وٽ وئي ۽ نوٽ وٺڻ جي ڪيائين، پر هن نوٽ نہ ڏيندي سهاني ڪي وڌيڪ ويجهو آڻڻ جي ڪوشش



books.sindhsalamat.com

ڪئي، سهاڻي ادائون ڏيکاريندي هن ڪان نوٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ۽ پنهنجي جڳهه تي واپس وڃي ويٺي.

"ٿئنڪ يُو ميم!" جي آواز سهاڻيءَ کي اُن ماحول مان ڪڍي ڪلب واپس وٺي آيو، سامهون اهو ئي ڇوڪرو بيٺو هو.

سهاڻيءَ مشڪي چيو "جام تي ويو ٿئنڪ يُو، هاڻي پنهنجو انجواءِ ڪر." اهو ٻڌي ڇوڪرو هليو ويو.

سهاڻي اتان جي ماحول جو جائزو وٺڻ لڳي. ڪي ڇوڪرا ڇوڪريون ڊانس ۾ رڌل، ته ڪي ڊانس ڪندي هڪ ٻئي کي چميون ڏئي رهيا هئا. جيئن جيئن رات وڌندي پئي وئي تيئن تيئن نشي جو خمار به وڌندو پئي ويو. هُن ڇوڪري وانگر ڪجھ ڇوڪريون پڻ اڪيليون هيون. سهاڻيءَ جي پرپاسي ۾ ٽي به ڇٽيون ويٺيون هيون، هٿن ۾ گلاس ۽ آڱرين ۾ سگريٽ جهلي نچندي نچندي پاڻ ۾ ڳالهائي پڻ رهيون هيون. سهاڻيءَ هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ چاهيون، ان ڪري هوءَ انهن جي ويجهو وئي

"يار! هُو ڇوڪرو ڏسين ٿي؟ ڪيترو نه سمارٽ ٿو لڳي ۽ شايد اڪيلو به آهي".

"چپ ڪري ويهه، هُو اڪيلو هجي به ڪٿي پر تون ته اڪيلي ناهين نه، وسري ويئي توکي بواءِ فرينڊ آهي".

"ها منهنجو بواءِ فرينڊ آهي ته ڇا ٿيو، ڪهڙو هِن سان مون کي رشتو رکڻو آهي جو ايترو پري ٿائين سوچيان؟ گووا ۾ آيا آهيون مستي ڪرڻ ۽ انجواءِ ڪرڻ، اهو ڪر پوءِ ٽاٽا باءِ باءِ".

"ها چئين ته سهي ٿي، ڪهڙي پڪ آهي ته اسان جا پريزنٽ بواءِ فرينڊز فيوچر ۾ به اسان جا ٿي رهندا ."


sindhsalamat.com

"هڪ ڪم ٿا ڪريون، واري ڦيري سان ٻئي ٽراءِ ٿا ڪريون، جنهن سان سيٽ ٿئي، وڃي عيش ڪري." چئي ٻئي ڇٽيون کلڻ لڳيون.

هڪ ڇٽي ان ڇوڪري جي پنيان وڃي نچڻ لڳي ۽ نچندي نچندي هن جي پٺيءَ تي هٿ رکيائين، ڇوڪري جي مُڙندي ئي ساڻ ڊانس ڪرڻ جو اشارو ڪيائين، پر ڇوڪري پاڻ ڪان ٿورو پريرو نچندڙ ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪندي ڪيس ٻڌايو ته هو ان سان گڏ آهي ۽ واپس مڙي پريرو بيٺل ڇوڪريءَ جي ويجهو وڃي نچڻ لڳو.

سهاڻيءَ اهو سڀ ڏسڻ ڪان پوءِ نظرون ٻئي طرف گهمائي ڇڏيون. ۽ ان پاسي ڪيس اهي ٻئي ڇوڪريون نظر آيون جيڪي هن ٻاهر وينل ڏٺيون هيون، اهي ٻئي پنهنجي مستي ۾ نچي رهيون هيون، ڏسڻ مان لڳو پئي ته نشي ۾ ڌُت آهن، ٻه ٽي ڇوڪرا اچي انهن سان گڏ نچڻ لڳا، جنهن تي هنن ڪوبه اعتراض نه ڏيکاريو.

اوچتو لَوِ سانگ وڳو ۽ ڪپلس هڪ ٻئي سان ياڪر پائي نچڻ لڳا. ايتري ۾ هڪ ڇٽي ٻنهي ڇوڪرين مان هڪ جي چيلھ ۾ هٿ وڌو ۽ ڇوڪريءَ ڪو اعتراض نه ڏيکاريندي ڇوڪري جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي ڇڏيون ۽ ٻئي هڪ ٻئي سان چنبڙي نچڻ لڳا.

شراب، ڊانس ۽ سنگيت جي نشي ۾ سڀئي گم هيا ۽ ان لمحي ڪي وڏيڪ مدهوش ڪندڙ هيو حقي ۽ سگريٽ جو دونهون.

"ڪهڙو فرق آهي ڪلب ۽ ڊانس بار ۾؟ اهو ئي ته هُت رڳو ڇوڪريون نچنديون آهن ۽ هتي ڇوڪرا پڻ ساڻن گڏ ٿا نچن، هُتي اسان پئسن لاءِ نچندا آهيون ۽ هِتي هي پئسا پري ٿا نچن، هُتي


books.sindhsalamat.com

رڳو مرد ايندا ۽ شراب پيئندا آهن، هِتي مرد عورت جو ڪو فرق ئي ناهي، هُتي اسان پنهنجو پيٽ پالڻ لاءِ مردن کي امپريس ڪرڻ چاهيندا آهيون، هتي ڇوڪريون پنهنجي انجواءِ مينٽ لاءِ ٿيون اهو سڀ ڪن. بس ڇا اهو ئي فرق آهي شريف گهر جي ڇوڪرين ۽ مون جهڙين ڊانس بار وارين ڇوڪرين ۾، ڇا ايئن ئي هونديون آهن شريف گهر جون ڇوڪريون؟ ته پوءِ مان به هڪ شريف ڇوڪري ئي ٿيس، ها! مان به شريف آهيان..... ها مان به شريف آهيان." پاڻ کي پاڻ چوندي سهانيءَ ٺهڪ ڏنو ۽ نچڻ لڳي "اڄ مان نچنديس، ها اڄ مان نچنديس، ٻئي جي لاءِ نه پر پنهنجي لاءِ.... " چوندي هوءَ مستيءَ ۾ جهومڻ لڳي.


sindhsalamat.com

## وئشيا جو رشتو

ممبئي، جيڪا نه رڳو مشهور آهي پنهنجي سمنڊ، آزاد خياليءَ، بوليوڊ، شيئر بازار جي لاءِ پر ڪماٽي پورا ۽ ڊانس بار جي ڪري پڻ. ممبئيءَ جا رهواسي هجن يا ٻاهران آيل، ممبئيءَ جي انهن علائقن ۾ وڃڻ جو خواب هر مرد جي دل ۾ هوندو آهي، ڪنهن جو اهو خواب پورو ٿيندو آهي ته ڪنهن جو نه به ٿيندو آهي. پر جيئن ممبئيءَ ۾ ڪماٽي پورا مشهور آهي تيئن ئي ڪماٽي پورا ۾ مشهور آهي شينو. سهڻي صورت، پريل جسم، جڻ لڱ لڱ فرصت ۾ ويهي ناهيل هجي. هونئن ته شينو پنهنجي حسن لاءِ گهڻي مشهور هئي پر اڄڪلهه ٻي ڳالهه لاءِ پڻ مشهور ٿي رهي هئي، سو آهي يوگيش سان ڳانڍاپو. پنج سال اڳ جڏهن يوگيش پهريون ڀيرو شينوءَ جي ڪوٺي تي پهچي وڏي ادب سان پڇيو "اندر اچي سگهان ٿو؟"

شينو هن جي ائين ادب سان پڇڻ تي وائڙي ٿي وئي، شايد پهريون ڀيرو هو جو ڪنهن ايتري ادب سان پڇيو هجي، نه ته گهڻو ڪري مرد سڌو اندر گهڙيا ايندا هئا. "اچو اچو سرڪار! توهان جي خدمت لاءِ ئي وينا آهيون" شينوءَ يوگيش کي دل سان ڀليڪار ڪيو هيو.

يوگيش هڪ دفعو جو شينوءَ جي ڪوٺي تي ويو، ته اهو وڃڻ لڳاتار هلندو رهيو، هن جي وڪ هوندي هئي سڌو بازار جي زينت شينوءَ جي ڪوٺي ڏانهن، شينو پڻ هن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. تمام حسين ۽ ڊماند ۾ هئڻ ڪري شينوءَ ۾ تڪبر هيو. هوءَ هر ڪنهن جي اڳيان وڃڻ لاءِ تيار ڪانه ٿيندي هئي، پر يوگيش سان هن جو سچو لڳاءُ ٿي ويو هو. انڪري هن


books.sindhsalamat.com

يوگيش کي ڪڏهن منع نه ڪيو، پر يوگيش جي ڪري هن پنهنجا وڏا وڏا گراهڪ ضرور ڇڏي ڏنا. شينوءَ ڪيترائي ڀيرا ڊبيل لفظن ۾ يوگيش سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو هو، پر هر ڀيري يوگيش هن جي ڳالهه مذاق ۾ ٽاري ڇوندو هو "ڇا سچ ۾ تون مون سان پيار ڪندي آهين؟ ڪڏهن تنهنجي پيار جو امتحان وٺندس، ان مهل خبر پوندي ته گهڻو پيار ڪندي آهين." شينو رڳو حسرت سان يوگيش ڏانهن نهاريندي رهجي ويندي هئي.

هڪڙي ڏينهن شينوءَ جي ڪوٺي جا ڏاڪا چڙهندي يوگيش جي نظر هيٺ بيٺل هڪ ڇوڪريءَ تي پئي. ڇوڪري جي عمر سورهن سترهن سالن مس هوندي، پر شرير ايئن پريل جو ويهن ٻاويهن سالن کان گهٽ ڪا نه پئي لڳي، ڪيس سلوار ڪڙتو پاتل هيو پر رئو نه هجڻ ڪري سندس سيني جا اڀار صاف ظاهر ٿي رهيا هئا. شرير جي بناوٽ ائين جو هر لڱ ڪپڙن ۾ ڍڪيل هئڻ جي باوجود به ظاهر ٿي رهيو هو. ڪٽڪ رنگي ۽ نقش ايترا سنا جو هڪ دم من موهي وجهي. يوگيش ڪجهه دير تائين هن ڏانهن نهاريندو رهجي ويو ۽ پوءِ ڏاڪڻيون چڙهي شينوءَ ڏانهن ويو. شينوءَ جي اکيان ويهندي به هن جي اکين آڏو اها ڇوڪري ئي ڦرندي رهي.

"ڇا ڳالهه آهي سرڪار! اڄ ڪهڙن خيالن ۾ گم آهيو؟"

"مون کي هتي ايندي گهڻو وقت ٿيو آهي شينو!؟"

"لڳ ڀڳ پنجن سالن کان اسان ٻئي گڏ آهيون، پر ڇو، ڇا ٿيو؟"

"مان سوچيان پيو ته هنن پنجن سالن ۾ مون توکي خوب ماڻيو آهي ۽ ٻئي ڪنهن پاسي ڏيان ئي نه ڏنو آهي".



sindhsalamat.com

"منهنجي سونهن ئي اهڙي آهي، جنهن توهان کي ٻئي پاسي وڃڻ ئي نه ڏنو." شينوءَ جي لفظن ۾ پنهنجي سونهن جو غرور صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو.

"هوندئن مان تنهنجي ڳالهه تي وشواس ڪري وٺان ها پر اڄ تنهنجا هي لفظ وشواس جوڳا نه ٿا لڳن".

"ڇو نه ٿا لڳن، ان جو ڪارڻ پڇي سگهان ٿي؟ "

"ڇاڪاڻ ته اڄ هتي تنهنجي ئي علائقي ۾ توکان وڌيڪ سونهن ۽ سوڀيا واري ڇوڪري ڏسڻ ۾ آئي آهي ".

"ڇا ٻي ڇوڪري، منهنجي علائقي ۾ ئي؟ "

"ها ٻي ڇوڪري، اچ ته ڏيکاريانءِ " چئي يوگيش شينوءَ کي ڏاڪڻين ڏانهن وني ويو ۽ ان ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيو. ان ڇوڪريءَ کي ڏسي شينوءَ جو هوش ساڪت ٿي ويو، هن جا لفظ نڙيءَ ۾ ئي اٽڪي پيا." مون کي اها ڇوڪري کپي" يوگيش ان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسندي حسرت مان چيو .

"سرڪار! هيءَ ڇوڪري منهنجي ڌيءَ آهي خوشبو"

"ڇا تنهنجي ڌيءُ؟ پو ته ڪو مسئلو ئي ناهي، پو تنهنجي خوشبو ڪڏهن ٿي منهنجي تن من کي واسي؟ پر پهريان هڪ ڳالهه ٻڌاءِ هن جي نٿ لٿي آهي؟"

"سرڪار! هيءَ منهنجي ڌيءُ آهي" شينوءَ ڪاوڙجي چيو "۽ اسان ٻنهي جو جيڪو رشتو جڙيل آهي ان رشتي موجب هيءَ توهان جي پڻ ڌيءُ جهڙي ٿي".

"بڪواس بند ڪر" يوگيش رڙ ڪئي "تنهنجو ۽ منهنجو رشتو وئشيا ۽ گراهڪ جو آهي، وئشيائن جو نه ڪو پاءُ، پيءُ هوندو آهي ۽ نه ئي ڪو مڙس ۽ وئشيا جي ڌيءُ وئشيا ئي ٿيندي



books.sindhsalamat.com

آهي" چئي يوگيش هليو ويو. شينو پريل نيٽن سان هن کي ويندو ڏسندي رهي، ڪيس ايئن لڳو چڻ ڪنهن هن جي وجود ۾ هن جي آتما تي وار ڪري هن جا ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيا هجن.

جيئن ڪنهن جي مرڻ سان دنيا بيهي نہ ويندي آهي، تيئن ئي ڪنهن هڪ گراهڪ جي وڃڻ سان ڪوٺا بند ڪو نہ ٿيندا آهن سو حسن جي بازار جو سلسلو ايئن ئي هلندو رهيو ۽ يوگيش ڪجهہ مهينن تائين شينوءَ ڏانهن رخ ئي ڪونہ ڪيو، پر هوريان هوريان يوگيش جي من ۾ حوس بيهر جاڳڻ لڳي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن هن پنهنجي حوس جي بک لاهڻ لاءِ شينوءَ جي ڪوٺي جو رخ ڪيو. شينوءَ جي ڪوٺي جا ڏاڪا چڙهي جيئن ئي دروازي تي پهتو، اندر ڪنهن مرد ۽ شينوءَ جي ڳالهائڻ جو آواز سندس ڪنن تي پيو، "تنهنجي صحبت جو اهڙو اثر آهي جو توسان ملي نيون نديون چوڪريون بہ وسري وينديون آهن".

"توهان کي خوش ڪرڻ لاءِ ئي تہ وينا آهيون سرڪار "!

يوگيش اندر جهاتي پاتي ۽ ڪمري جو نظارو ڏسي هن جو هوش ساڪت ٿي ويو. ڪيس پنهنجي اکين تي وشواس نہ پئي آيو .

پيسا ڏئي اندر وينل شخص ڏر ڪولي ٻاهر نڪتو تہ هن کي ٻاهر نڪرندو ڏسي يوگيش پاسيرو ٿي بيهي رهيو، شينو ڪيس در تائين ڇڏڻ آئي ۽ چيو "ايندا رهجو"

موٽ ۾ هو شخص مرڪيو ۽ تڪڙا ڏاڪا لهندو هليو ويو .

هن جي ويندي ئي شينو واپس ورڻ لڳي تہ هن يوگيش کي ڏسي ورتو، "توهان؟ "





يوگيش پلٽيو ۽ شينو ڪيس اندر وٺي وئي، "اڄ هن وئشيا جي ڪيئن ياد پئي سرڪار کي؟" شينوءَ جي لهجي ۾ طنز صاف نظر پئي آيو

"جسم جي ضرورت وٺي آئي آهي "

"معاف ڪجو، جيڪا چوڪري توهان کي وٽي هئي اها هاڻي دبئيءَ ۾ رهندي آهي، پر توهان جي خدمت لاءِ مان حاضر آهيان، ٻڌايو ڇا پيش ڪجي جام يا جان؟"

"آيو تہ مان پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ هيس پر هاڻي مون کي توسان هڪ بي ڳالهہ ڪرڻي آهي".

"حڪم ڪيو ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

"هاڻي جيڪو چوڪرو تو وٽان اٿي ويو"

"ڪير، هو موهن؟"

"ها موهن، هن کي اڄ ڪانپوءِ هتي نہ اچڻ ڏجانءِ".

"ڇا جي ڪري؟ هو منهنجو تمام سنو گراهڪ آهي ۽ توهان ڪهڙي حق سان مون کي منع ڪري رهيا آهيو؟"

"هن جي پيءُ جي حق سان، هو منهنجو پٽ آهي".

"ڇا هو توهان جو پٽ آهي؟"

"ها ۽ اسان جي ايترن سالن جي رشتي جو واسطو ڏئي مان توکي ايترو تہ چئي سگهان ٿو"

"رشتو! هاهاهاها " شينوءَ تمام زور سان ٽهڪ ڏنا "توهان جو ۽ منهنجو رشتو هڪ وئشيا ۽ گراهڪ جو آهي ۽ وئشيا جو نہ ڪو ياءُ، پيءُ هوندو آهي ۽ نہ ئي ڪو مڙس،" چئي شينو پاڳلن وانگر ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

# ريڊ رِبن

پونم بي صبريءَ سان ساحل جي انتظار ۾ هال اندر چهل قدمي ڪري رهي هئي.

"ايتري دير ٿي وئي آهي اجا تائين آيا ناهن، ايتري دير ٿي ڪرڻي هئن ته اڳواٽ ئي فون ڪري چو چيائون ته منهنجي لاءِ سرپرائيز ٽا وٺي اچن"

ايتري ۾ ڊور بيل وڳي، در کوليندي ئي پونم ساحل کان سوال ڪيو "ڇا سرپرائيز آهي منهنجي لاءِ؟"

"هي وٺ تنهنجو سرپرائيز"

"هي! هي سرپرائيز آهي؟" پونم وائڙي ٿي وئي" هي طوطو منهنجو سرپرائيز آهي؟"

"ها! هي طوطو تنهنجي لاءِ سرپرائيز آهي".

"پر هن جو مان ڇا ڪيان؟"

"توکي سدائين شڪايت هوندي آهي نه ته مان بزنس جي ڪري توکي ٽائيم گهٽ ٿو ڏيان ۽ تون سڄو ڏينهن گهر ۾ اڪيلي ڇا ڪرين، ڪنهن سان ڳالهائين، ته هي وٺ هن سان تنهنجو سٺو ٽائيم پاس ٿي ويندو".

"مان هن سان ويهي ڳالهايان!؟" پونم وائڙي ٿي وئي

"ها.... هي ڏس هن جي ڳچيءَ ۾ توکي هيءَ ڳاڙهي لڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي؟ هيءَ آهي هن جي ڪنٺي ۽ ڪنٺيءَ وارا طوطا جلد ڳالهائيندا آهن، هنن سان وڌيڪ مغز نه هڻڻو پوندو آهي، هي ٻاٽمرادو جلدي هري مري ويندا آهن. ان ڪري تون هن کي ڳالهائڻ سيکاري هن سان پنهنجي سڪ پوري ڪر".



sindhsalamat.com

"مان هن طوطي سان پنهنجي سڪ پوري ڪيان؟ " پونم سوالي نظرن سان ساحل ڏانهن نهارڻ لڳي.

" ڏس پونم! مون کي جيڪو سمجهه ۾ آيو مون ڪيو، هاڻي توکي جيئن وڻي تيئن ڪر ۽ ها منهنجو هڪ امپورٽنٽ ڪلائينٽ ٻاهران آيو آهي، مون کي هن کي اڄ ماني ڪارائڻ لاءِ ٻاهر وٺي وڃڻو آهي، ان ڪري مون کي اچڻ ۾ دير ٿيندي، تون ماني ڪائي سمهي پئه ۽ بک تي نه سمهجانءِ" چئي ساحل هليو ويو".

پونم طوطي ڏانهن نهارڻ لڳي، "مان توسان پنهنجي سڪ پوري ڪيان! ڇا رڳو ڳالهائڻ ئي منهنجي سڪ هئي؟"

پونم جا لفظ ٻڌي طوطي دهرايو "سڪ...... سڪ"

"اڙي واهه!! تون ته گهڻو هوشيار آهين پر حالي هتي ويهه، اڄ واقعي مون کي گهڻي سڪ ٿي آهي، مان اچان ٿي" چوندي پونم طوطي کي اتي ئي رکي پاڻ ڪمري ۾ هلي وئي.

ڪجهه ئي دير ۾ هوءَ پنهنجي ڪمري مان تيار ٿي نڪتي. لکنوي ڪم ڪيل نيور ڪاري رنگ جو ڪڙتو، جنهن تي چاندي رنگ جون ننڍڙيون سپيون پريل ايئن پيون لڳن ڄڻ ڪاري آسمان ۾ ننڍڙا ننڍڙا ستارا پيا جرڪن، ان تي ساڳي رنگ جي ليگ ان ۽ رئو، نرڙ تي ڪاري بندي ڄڻ چنڊ کي نظر کان بچائڻ لاءِ نظر جو ٽڪو لڳل هجي، ڪنن ۾ چاندي رنگ جا وڏا والا، اکين ۾ ڪريني سان لڳل ڪجل، ڳاڙهي لپ اسٽڪ ۽ ڪنڌ تائين ايندڙ ڪليل وار سندس خوبصورتيءَ کي وڌائي رهيا هئا. هوءَ اچي طوطي جي اڳيان بيٺي، ڪيس ڏسي طوطو چوڻ لڳو "سڪ...... سڪ"



books.sindhsalamat.com

ٻڌي پونم کي کل اچي وئي "نه منو! توسان منهنجي سڪ نه لهندي، پر نيڪ آ سرپرائيز جو ڪجهه مان رکون ٿا، اچ ته ڪجهه ڳالهايون. ساحل چيو ته تنهنجي ڳچيءَ ۾ هيءَ ڳاڙهي ڪنٺي آهي، پر توکي خبر آهي ته هيءَ ڪنٺي ناهي، اصل ۾ هيءَ ريڊ ربن آهي. جيڪا ڀڳوان توکي پارائي موڪليو آهي ته وچ تون ٻين عام طوطن کان الڳ ٿي پنهنجي زندگي پنهنجي خوشيءَ سان جيءُ ۽ جنهن کي وڻئي تنهن کي هن ريڊ ربن سان موهي پنهنجو ڪر، پر هي ڇا سمجهن هن ريڊ ربن جو مطلب. هنن کي لڳي ٿو ته هيءَ ڪنٺي سجاٽپ آهي ڳالهائڻ واري طوطي جي، نه دراصل هيءَ ريڊ ربن آهي آزاديءَ واري، پنهنجي خوشيءَ سان جيئڻ واري، هيءَ ريڊ ربن ئي توکي ٻين کان الڳ ثابت ڪري ٿي".

پونم جي ڳالهه پوري ٿيڻ تي طوطي ورجايو" ريڊ ربن....... ريڊ ربن"

"ها ريڊ ربن مطلب خوشيءَ جو پرتيڪ ۽ هي ڏس مون وٽ به آهي ريڊ ربن" چوندي پونم پنهنجي پرس مان ريڊ ربن ڪڍي پنهنجي ٻانهن تي ٻڌي. "بس فرق ايترو آهي، ته تنهنجي ڳچيءَ ۾ آهي ۽ منهنجي ٻانهن ۾"

طوطي وري ورجايو "ريڊ ربن....... ريڊ ربن"

پونم پڃرو کڻي اچي دريءَ تي بيٺي ۽ پڃري جو در کوليندي چيائين "وڃ پنهنجي ريڊ ربن سان گڏ آزاديءَ واري زندگي جيءُ، هڪ ريڊ ربن وارو ٻئي ريڊ ربن واري کي قيد ڪري ڪيئن ٿو رکي سگهي"!



sindhsalamat.com

ساحل ڪلائينٽ کي وٺي هڪ هوٽل ۾ وڃي پهتو، شراب جو دور هليو، ڪجهه گلاس خالي ٿي چڪا هئا ۽ شايد ڪجهه گلاس خالي ٿيڻ جي انتظار ۾ هئا.

"اشوڪ سر! توهان سان بزنس ڪرڻ جو مزو ئي الڳ آهي، بزنس جو بزنس ۽ موج مستي الڳ، توهان جي بهاني مون کي به ٻاهر رهڻ جو موقعو ملي ويندو آهي، نه ته زال ڪٿي نڪرڻ ڏئي".

"مسٽر ساحل! زالن جو ته ڪم ئي هوندو آهي مردن کي روڪڻ، هنن کي ڪهڙي خبر ته نشي جو مزو ڇا هوندو آهي".

"سهي ٿا چئو، زالن کي ڪهڙي خبر".

"بلڪل، نه هنن کي هن نشي جي خبر هوندي آهي نه وري هُن نشي جو احساس".

"توهان اهو نشو به ڪندا آهيو؟"

"يار! سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي مرد ته ڦڏو، نه ته مرد ئي جڏو."

چوندي اشوڪ اک هڻين ۽ ٻنهي ڄڻن وٺي زور سان ٽهڪ ڏنو.

"مسٽر ساحل! توهان جي ڳالهين وري موڊ بڻائي ڇڏيو آهي، هلو ته اڄ هتي هلون ٿا".

"پر سر! منهنجي ڊيل باري ۾ ته ڳالهايوسين ئي نه".

"توهان فڪر نه ڪيو، ڊيل توهان جي پڪي آهي" .

اهو ٻڌي ساحل جي چپن تي جيت جي مرڪ هئي.

"ته پوءِ ويٺ ڇا جو؟ هلو ته هلون ٿا، اپسرائن جي نگريءَ ڏي".

"نه يار! اڄ انهن اپسرائن جو نشو نه ڪپي".

"ته باقي ڪنهن جو ڪپي؟" ساحل اشوڪ ڏانهن سوالي نظرن سان نهارڻ لڳو .



books.sindhsalamat.com

"هل مان توکي هک ڀي جڳهه تي ٿو وٺي هلان".

ٻئي ڄڻا ان هوٽل مان اٿي نڪتا، ڳاڏي اشوڪ هلائي رهيو هو، هو ائين رستن کي پار ڪري رهيو هو ڄڻ هو انهن رستن کان چڱي طرح واقف هجي. ريڊ سگنل اچڻ تي هو ڄڻ بيچين ٿي پئي ويو، ڄڻ ته ريڊ سگنل هن جو دشمن هجي ۽ منزل تائين پهچڻ ۾ رنڊڪ وجهي رهيو هجي.

"اهڙي بيچيني ڇو اشوڪ سر!؟، هلون ٿا، پهچي ويندا سين، "

جواب ۾ اشوڪ صرف ساحل تي سگهٽي نگاهه وڌي

"پر اهو ته ٻڌايو اسان هلون ڪٿي ٿا؟"

"اڄ اسان وڪامجڻ ٿا هلون "

"وڪامجڻ!؟" ساحل حيران ٿي ويو .

"ها وڪامجڻ، توهان جي ممبئيءَ ۾ هڪ علائقو اهڙو به آهي جتي مايون مردن کي خريد ڪنديون آهن".

"ڇا!؟" ساحل جون اکيون اڇرج منجهان ڦهلجي ويون .

"ها جيڪي مايون نيڊي هونديون آهن، ڪنهن ڪارڻ جن جي نيڊ پوري نه ٿيندي آهي، اهي اتان مردن کي خريد ڪري پنهنجي نيڊ پوري ڪنديون آهن. جيئن اسان اپسرائن جي نگريءَ ۾ هلي هنن سونهن سوپيا ڏسي هنن سان رات گذارڻ طئه ڪندا آهيون، تيئن هو به سمارٽنيس ۽ بوڊي اسٽرڪچر ڏسي اتان مردن کي پسند ڪري وٺي وينديون آهن ۽ پنهنجي نيڊ پوري ڪنديون آهن." سڄي جملي ۾ اشوڪ نيڊ اکر کي وڌيڪ زور ڏئي ڇڄي ڇٽي اچاريو.

ساحل آواک رهجي ويو "ڇا! ايئن به ٿيندو آهي؟"



sindhsalamat.com

"ها بلڪل، ڏس هوءِ ايريا پاسي ۾ آهي، اسان اتي ڪار سميت نه ٿا هلي سگهون، ان ڪري ڪار هتي ڪٿي ئي پارڪ ڪري اوڏانهن پنڌ هلنداسين ۽ صبح واپس اچي ڪار هتان ڪڍنداسين." چئي اشوڪ ڪار پارڪ ڪئي ۽ هو اڳتي پنڌ وڌڻ لڳا.

"پر سر! توهان کي ان ايريا جي ڪيئن خبر پئي؟"

"منهنجي ڊرائيور ٻڌايو هو. هو ان کان اڳ هتي ڊرائيونگ ڪندو هو، ضرورت پوڻ تي ڪيس هتان مايون وٺي ويندو هيون".

"پر اسان کي ڪيئن خبر پوندي ته ڪهڙي مائي نيڊي آهي ۽ ڪهڙي نه! ۽ اسان ڪين چونداسين ڇا! اسان کي خريد ڪيو؟"

"سمپل آ، جيڪا مائي ٻانهن ۾ ريڊ رٻن ٻڌي گهمي ڦري رهي هجي، مطلب هوءَ نيڊي آهي ۽ بس هن جي پرسان وڃي چوڻو آهي،

if you are needy, I'm ready"

ڳالهائيندي ڳالهائيندي هو ان ايريا ۾ وڃي پهتا

"هو ڏس جيڪا مائي بليڪ ڊريس پهريل وڃي رهي آهي، جنهن جي ڊريس تي سلور ڪلر جون سپيون ائين ٽيون چمڪن جيئن ڪاري آسمان ۾ ستارا ۽ هن جي هٿ تي ٻڌل ريڊ رٻن ڄڻ اسان کي سڏي رهي آهي، تون ڏس ۽ سک ڪيئن ڳالهائڻو آهي، پو توکي جيڪا پسند اچي تون ان سان هليو وڃجانءِ "

اشوڪ ۽ ساحل هن جي ويجهو آيا، اشوڪ چيو

"if you are needy, I'm ready"

آواز ٻڌي بليڪ ڊريس پهريل عورت پلٽي ۽ هن جي نظر سڌو ساحل سان ٽڪرائي. ساحل ان کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو



books.sindhsalamat.com

هوءَ پڻ ساحل ڏانهن حيرت مان نهارڻ لڳي ۽ ڪا گهڙي هو ايئن ئي هڪ ٻئي ڏانهن حيرت وچان نهاريندا رهيا .

اوچتو اشوڪ ٽهڪيو "اوهه! لڳي ٿو توهان هڪ ٻئي کي پسند اچي ويا آهيو، چڱو توهان ٻئي هڪ ٻئي کي وقت ڏيو، مان اڳتي ٿو وڃان." چئي اشوڪ اڳتي وڌي ويو.



sindhsalamat.com

# ترقيءَ جي چاٻي

ڪيترو نه خوشين ڀريل ڏينهن هو، جڏهن دليپ سان گڏ هن شهر ۾ آئي هيس. شاديءَ جي پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ ئي اسان ٻئي هتي اچي رهيا هئاسين. دليپ جي نوڪري هتي هجڻ ڪري هن بابا کي پهريائين ٻڌايو هو ته "شاديءَ ڪانپوءِ پونم ۽ مان ممبئي وڃي رهنداسين، چاڪاڻ ته نوڪري اتي ئي آهي ۽ ايتري سٺي نوڪري ڇڏي مان ڳوٺ ۾ اچي ڪونه رهندس".

ممبئيءَ جو نالو ٻڌي منهنجون اکڙيون پڻ سپنا ڏسڻ لڳيون ۽ بابا به مڃي ويا.

"اچ پونم! تنهنجي گهر ۾ ئي تنهنجو سواڳت آهي، هتي امان ته ڪانهي جو آرتي ڪڍي اچي پر بيهه هڪ ٻيو طريقو آهي." چوندي دليپ کيسي مان لائيٽر ڪڍي منهنجي آرتي ڪئي ۽ ٻنهي کلي ڏنو .

"اڙي! واهه هي اسان جو گهر آهي؟ "

"اسان جو پنهنجو ته نه پر ڪرائي جو آهي، جلد ئي اسان پنهنجو گهر به وٺنداسين. اصل ۾ ممبئيءَ ۾ پنهنجو گهر وٺڻ ايترو سولو ناهي. هتي پراپرٽيءَ جون قيمتون تمام گهڻيون آهن، پر چنتا نه ڪر جلد ئي بوس کي خوش ڪري اسان پنهنجو گهر به وٺنداسين ۽ مون کي خبر پئجي وئي آهي ته بوس ڪيئن خوش ٿيندو".

"اڇا! پوءِ ته اسان جلد گهر وٺنداسين ۽ هنن کي ماني کائڻ لاءِ پڻ گهر سڏينداسين".



books.sindhsalamat.com

"پوءِ جا پاڳ تہ پوءِ، پر هينئر هنن کي شاديءَ جي پارٽي بہ تہ ڏيڻي آهي" .
"ها ها ڇو نہ، جڏهن توهان چئو، مان تياري ڪري وٺنديس".
"مون کي سڀاڻي کان آفيس جوائن ڪرڻي آهي، سڀاڻي ئي وڃي هنن جي اچڻ جو ڏينهن طئہ ڪري ايندس".

مان رات جو پارٽيءَ لاءِ گلابي ساڙهي پائي تيار ٿيس. مون کي لڳو تہ دليپ خوش ٿيندا. پر هنن تہ مونکي ڏسندي ئي چيو .
"هي ڇا پاتو اٿئي؟"
"ڇو سٺي نہ ٿي لڳان؟"
"سٺي تہ لڳين ٿي، پر ڊارلنگ! هي اسان جو ڳوٺ ناهي، ممبئي آهي. هتي پارٽيز ۾ ساڙهي نہ هلندي".
"پر هيءَ تہ اسان جي شاديءَ جي پارٽي آهي نہ، مون ان ڪري هي ساڙهي پاتي، تہ جيئن مان نئين ڪنوار لڳان".
"نہ ڊارلنگ! هتي سڀئي کي خبر آهي تہ تون ئي نئين ڪنوار آهين. ان ڪري ان ساڙهيءَ جي ڪا گهرج ڪانهي." هڪ پيڪيٽ دليپ مون ڏانهن وڌائيندي چيو "هي مان تنهنجي لاءِ وٺي آيو آهيان، هي پائي اچ".
مان اهو پيڪيٽ کڻي اندر هلي ويس، پر اها ڊريس پائي مون کي تمام گهڻو عجيب پيو لڳي. مون ڪڏهن ان قسم جا شارٽ ڪپڙا پاتا ئي ڪو نہ هيا، پر دليپ جي ڳالھ رکڻ لاءِ مان پائي ٻاهر آيس .
"دليپ! مان هن ڊريس ۾ بلڪل بہ ڪمفرٽ فيل نہ ٿي ڪريان".


sindhsalamat.com

"باراٽي نہ ڪر پونم! هتي اهي ئي ڪپڙا هلندا آهن ۽ ڏسجانءِ سڀني کان وڌيڪ سٺي تون ئي لڳندينءَ. هل جلد تيار ٿي، سڀئي اچڻ تي هوندا".
مهمان هڪ هڪ ڪري اچڻ شروع ٿيا. پهرين تہ مون کي ڏاڍو عجيب پئي لڳو. سڀ ڇا سوچيندا، "نئين ڪنوار اهڙا ڪپڙا پائي ويني آهي." پر ڏٺم تہ واقعي هِنن سان آفيس ۾ ڪم ڪندڙ سڀ اهڙا ئي تہ ڪپڙا پائي آيون آهن ۽ بوس جي زال پڻ ايئن ئي آئي آهي. انهن کي ڏسي هوريان هوريان منهنجي لڄ ختم ٿي وئي.
پارٽيءَ ۾ کل، مستي ۽ ڪاڪٽيل پيئڻ هلي رهيو هو. مردن سان گڏ زائفن جي هٿن ۾ گلاس هيا. ايتري ۾ بوس جي زال چمچي سان گلاس وڄائيندي چيو "مي آءِ هيوِ يوئر اٽينشن پليز!" چوندي سڀني جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪايو. "اڄ اسان پنهنجي گروپ ۾ پونم کي ويلڪم ڪري رهيا آهيون. سو هن خوشيءَ جي موقعي تي اڄ شيمپين پونم کوليندي." سڀني تاڙيون وڄايون
"مان! پر مونکي نہ ايندي آهي شيمپين کولڻ".
"ڪا ڳالھ ڪانهي پونم! مان آهيان نہ." چوندي دليپ اڳيان آيا. "اڄ ٻئي ملي ٿا کوليون".
"ڇو دليپ! توهان ڇو کوليندا؟ مان توهان جو بوس آهيان، اڄ مان پونم کي بوتل کولرائيندس".
"جي جي بوس! پهرين توهان." چوندي دليپ بوتل بوس جي هٿن ۾ ڏني.
مان ٿوري حيران ٿيس، پر ٻئي پل ۾ ئي نارمل ٿي ويس. ٿي سگهي ٿو هتي ائين ئي هلندو هجي ۽ رڳو هڪ بوتل ئي تہ کولڻي آهي، پوءِ ڪير بہ کولي. پر خراب تڏهن لڳو جڏهن بوتل


books.sindhsalamat.com

پڪڙڻ جي بهاني سان بوس منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ نہ رڳو ايترو پر بوتل کوليندي ئي مون کي پيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

"نہ نہ سر! مان دارُو نہ پيئندي آهيان".

"ڪم آن پونم! هي دارُو ناهي، شيمپين آهي ۽ اڄ تہ هي پيئڻ ڪمپلسري آهي." چوندي بوس منهنجي ڪنڌ ۾ ٻانهن وجهي مون کي وڪوڙي ورتو ۽ زبردستي بوتل منهنجي وات ۾ وڌي. نہ چاهيندي بہ شيمپين جا ڪجهہ ڍڪ منهنجي نڙيءَ ۾ لهي ويا ۽ شيمپين جو هر ڍڪ منهنجي اندر جي هنڌ هنڌ کي ساڙيندو ويو. منهنجون اکيون دليپ ڏانهن هيون. لڳو تہ دليپ بوس کي روڪيندو. پر هو پڻ ٻين جيان پريان کان ڏسي کلي رهيو هو ۽ دليپ جي چپن تي کل ڏسي اندر جي سڙڻ جو احساس ويتر وڌي ويو.

رات جو هڪ ٿيڻ تي آيو هو، چا عورتون ۽ چا مرد، سيئي نشي ۾ هئا. ايتري ۾ بوس جو آواز آيو.

"اچو هاٽي پارٽيءَ جو آخري اسٽيپ ڪٽون ".

هن جو ايترو چوندي ئي سيني مردن پنهنجي پنهنجي ڪار جي چابي ٽيبل تي ڦٽي ڪئي ۽ بوس رڪيل سيني چابين کي مڪس ڪرڻ لڳو. عورتن جو پڻ سڄو ڌيان ان ٽيبل ڏانهن هيو. مان حيرانيءَ ۾ پئجي ويس. اهڙي ڪهڙي گيم آهي، جو سيئي ايترا اتاولا ٿا ڏسڻ ۾ اچن. پر پڇان ڪنهن کان، دليپ تہ پري بيٺا هئا.

پاسي ۾ مسز ڊنگرا ويٺي هئي. مون انهن کان ئي پڇيو "اهڙي ڪهڙي گيم آهي، جنهن جي لاءِ سيئي ايترا اتاولا ٿي رهيا آهن؟"



sindhsalamat.com

"توکي خبر ناهي هن گيم جي باري ۾، توکي دليپ ڪجهہ ڪانہ ٻڌايو آهي؟"

"مون کي تہ دليپ ڪجهہ نہ ٻڌايو آهي".

"هيءَ گيم آهي اڳتي وڌڻ جي، پروموشن جي".

"مون نہ سمجهيو، چابين سان ترقيءَ جو چا وجي؟"

"هي جيڪي چابيون ڏسين ٿي نہ، هي سيني جي ڪارن جون چابيون آهن. هنن مان هاٽي جنهن کي جنهن جي ڪار جي چابي هٿ آئي، هو اها ڪار ڪٽندو".

"ڪارن جي مٽ سٽ ڪرڻ سان ترقي ڪئين ٿيندي؟"

"ها ها ها، نہ چري ڪارون ايڪسچينگ نہ ٿينديون. هنن مان جنهن بہ ڪار جي چابي جنهن بہ مرد جي هٿ لڳي، سمجهہ ان ڪار جي مالڪ جي زال اڄوڪي رات ان جي هٿ لڳي ۽ اڄوڪي رات هو ان سان گذاريندو".

"چا!!؟" مان اهو ٻڌي حيران رهجي ويس.

"ها، جنهن جي ڪار جي چابي بوس جي هٿ لڳي، جيڪڏهن ان ڪار جي مالڪ جي زال بوس کي چڱيءَ طرح خوش ڪيو تہ ان جي هسبينڊ جي ترقي پڪي".

"يعني ڪارن جي نہ پر زالن جي مٽ سٽ".

"ها سمجهي وئينءَ نہ هاٽي".

"پر هي سڀ تہ غلط آهي، مردن جي تہ ڇڏيو، توهان زالن جي دل ڪيئن مڃيندي آهي ان ڳالهہ لاءِ؟"

"چو، چو نہ مڃيندي، جڏهن مرد اهو سڀ ڪم ڪري سگهن ٿا تہ اسان زائفون چو نہ؟"



books.sindhsalamat.com

"پر اسان جا سنسڪار انهن جو ڇا، اسان جي پتي ورتا ڌرم جو ڇا؟"

"اهي سڀ ڪتابي ڳالهيون آهن. هتي شهر ۾ رهڻ، نوڪري ڪرڻ ۽ ان نوڪريءَ ۾ ترقي ڪرڻ ايترو سولو ناهي".

"نوڪريءَ ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ ڇا مرد پنهنجي زال کي ڪنهن جي بہ اڳيان اڇلي ڇڏيندو. هن جي غيرت ان کي ائين ڪرڻ ڏيندي؟"

"تو اڃان نئين شادي ڪئي آهي، ان ڪري ئي پتي ورتا واريون ڳالهيون ڪرين. شاديءَ جي ڪجهہ سالن بعد جڏهن پنهنجن مردن کي ٻين کان امپريس ٿيندي ڏسندا آهيون تہ هي سڀ ڳالهيون نلهيون لڳنديون آهن. جڏهن اسان جي جهڳڙي جو، روئڻ ۽ پٽڻ جو مڙسن جي مٿان ڪو بہ اثر نہ ٿو پوي ۽ هو اهو ئي ٿو ڪري جيڪو ڪرڻ ٿو چاهي، هن ڪي اسان جي سوچ جي ڪا بہ پرواهہ ناهي، تڏهن هي من بغاوت ڪندو آهي".

"پر جيڪڏهن مرد غلط ٿئي تہ ڇا اسان کي بہ غلط ٿيڻ گهرجي، ڇا غلطيءَ کي غلطيءَ سان سڌاري سگهجي ٿو؟"

"جيستائين ڪو پاڻ سڌرڻ نہ چاهي تيستائين هن جي مٿان ڪنهن بہ ڳالهہ جو اثر نہ ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن هي مرد صرف پاڻ کي انسان سمجهي ڪجهہ بہ ڪري سگهن ٿا تہ ڇا اسان انسان ناهيون، اسان جا ڪي ارمان ناهن؟"

"پر غلط تہ غلط آهي نہ".

"غلط هجي يا سهي پر اهو سڀ ڪجهہ جتي ڪٿي ٿيندو آهي، فرق رڳو اهو آهي تہ ٻين هنڌن تي اهو سڀ لڪي ڇپي ٿيندو



sindhsalamat.com

آهي ۽ هتي سيني جي سامهون. ڪڏهن ان ڳالهہ جي تر ۾ لهي وڃي ڏسجانءِ، سچ سامهون اچي ويندئي".

"پر مسز ڏنگرا"!

"پر ور ڇڏ پونم! هو ڏس دليپ جي گاڏيءَ جي چابي بوس جي هٿ آئي اٿئي ۽ هاڻي هن جي ترقي تنهنجي هٿ ۾ آهي".

"هيلو ڊارلنگ" چوندي مسز ڏنگرا مسٽر شرما جو هٿ پڪڙي ٻاهر هلي وئي ۽ مان حيرانيءَ منجهان ڪيس ويندي ڏسندي رهيس.



books.sindhsalamat.com

## آتمگلاڻي

پيٽر تمام گھڻو خوش هو. ۽ هجي بہ ڇو نہ جنهن ڇوڪريءَ کي پسند ڪندو هو، ان سان ئي ان جي شادي ٿئي اڄ ٽي ڏينهن ٿي چڪا هئا ۽ اڄ ئي هُو هني مون ڪرڻ لاءِ آيا هئا. ميري اندر باٿروم ۾ ڪپڙا بدلائڻ وئي هئي ۽ پيٽر ٻاهر هن جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيو هو. هن هوٽل جي ڪمري ۾ هڪ نظر ڦيرائي. پلي پت سجيل ڪمرو، جنهن جي بيڊ جي سامهون ئي ٽي وي لڳل، ان جي هينان ڪاٺ جي نهيل مِني بار. پرسان ئي هڪ ڪٻٽ ۽ ان جي پاسي واري پت ۾ دري، جنهن تي سهڻو پردو لڳل هيو. پلنگ جي ڪناري سان ننڍي ٽيبل نما تختي لڳل هئي، جنهن تي هڪ گلدان هيو جنهن ۾ ٻہ ڳاڙها گلاب جا گل رکيل هئا. گلن کي ڏسندي ئي پيٽر جي اکين ۾ چمڪ پرجي وئي. هن ٻئي گل هٿ ۾ کنيا ۽ انهن جون پنکڙيون پٽي پلنگ جي چادر تي پکيڙڻ لڳو. "سهي معني ۾ اسان جي سهاڳ رات تہ اڄ ئي آهي." پنهنجي منهن پڻڪندي هو پنهنجي شاديءَ جي پهرين رات بابت سوچڻ لڳو.

"شاديءَ واري رات جيئن ئي ڪمري ۾ اچي در بند ڪيو تہ مئري ٿوري ڇرڪي پئي هئي. مون مئريءَ جي پرسان وڃي جيئن ئي هن جو هٿ پڪڙيو، ڏيري سان هن هٿ ڇڏائيندي چيو هو "پيٽر! اڄ مان تمام گھڻي ٿڪجي پئي آهيان. اِف يُو ڊونٽ مائينڊ،اڄ آرام ڪيون؟" مئري ڄڻ هڪ هڪ لفظ ڏڪندي ڳالهائي رهي هئي ۽ هن جي پوَ کي مون پڻ سمجهندي چيو هو "ٺيڪ آهي مئري! رڳو اجوڪي رات ناهي، اڃا تہ اسان جي اڳيان سڄي زندگي پئي آهي، اڄ آرام ٿا ڪيون." پر مون کي ننڊ ڪٿي پئي



sindhsalamat.com

آئي. شاديءَ جي پهرين رات بابت جيڪي دوستن ۽ ڪزنس کان ڳالهيون ٻڌيون هيون، ايئن ڪجھ بہ نہ ٿيندو ڏسي ٿورو مايوس ٿي ويو هئس. پر مون محسوس ڪيو هو تہ مئري بہ شايد نہ ستي هئي. هڪ دفعي تہ سوچيو ٻيهر مئريءَ جي پرسان وڃي ڏسان، شايد هاڻي ٿوري نارمل ٿي هجي، پر مون ڏٺو تہ هن جون اکيون بند هيون. ننڊ وارين اکين ۽ جاڳندي ٻوٽيل اکين ۾ فرق هوندو آهي. شايد هيءَ ڊڄي ٿي، ان ڪري تڪڙ نہ ڪندي مون سمهڻ ئي ٺيڪ سمجهيو هو ۽ ان رات سهاڳ رات واري سيج تي سجيل گل بہ ڄڻ مون وانگر ڪنوارا رهجي ويا هئا، پر اڄ جا گل ڪنوارا ڪو نہ رهندا." چئي پيٽر ٻئي گل کي چمي ڏئي ان جون پنکڙيون پڻ ٽوڙي پلنگ تي وڇائڻ لڳو.

هوڏانهن مئري باٿروم ۾ ويهي لائيٽ جي بٽڻ کي بند چالو ڪري رهي هئي. هوءَ گھڻي ڊنل، پاڻ کان ئي سوال پڇي پاڻ ئي انهن جا جواب ڏئي رهي هئي. "گھڻا ڏينهن پيٽر کي آخر روڪي سگھنديس، ٻہ ڏينهن تہ گھر ۾ نڪري ويا. شاديءَ جي پهرين رات تہ ٿڪجڻ جو بهانو پئي ڪيو ۽ پيٽر هڪ دفعو مڃي بہ ويو، پر هن ٻيهر ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مون سمهڻ جو مڪر ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن تي هن جي ڪمري ۾ اچڻ کان پهريان ئي مان سمهي پيس. پيٽر ڪمري ۾ اچڻ سان ئي ڪمري جي بتيءَ جو بٽڻ چالو ڪيو ۽ سڄي ڪمري ۾ روشني ڦهلجي وئي. پر سامهون مون کي ستل ڏسي شايد هو اتي ئي بہ منٽ بيهجي ويو هو. هن کي منهنجو ائين سمهي پوڻ نہ وڻيو. وڻي بہ ڪيئن ها، شاديءَ جي رڳو پهرين رات ئي نہ ٻي رات بہ جنهن جي زال ايئن سمهي پوي، ان کي سٺو ڪيئن لڳندو! پر مان بہ ڇا ڪيان ها،



books.sindhsalamat.com

منهنجي پڻ مجبوري هئي. جڏهن پيٽر منهنجي گهر وارن جي اڳيان شاديءَ جو پرستاوُ رکيو هو ۽ گهر وارا خوشيءَ خوشيءَ راضي ٿي ويا هئا. مون تڏهن ئي پيٽر کي ٻڌائڻ پئي چاهيو هو، پر گهر وارن جي ڀوَ کان ٻڌائي ڪين سگهي هيس. مميءَ سخت تاڪيد ڪيو هو "وساري ڇڏ ان ڳالهه کي هاڻي ۽ ڪڏهن به نه پيٽر جي اڳيان ۽ نه ئي ساهرن جي اڳيان اها ڳالهه ڪيجانءِ، نه ته توسان گڏ سڄي خاندان جو نالو خراب ٿيندو ۽ پوءِ تنهنجي ننڍي ڀيڻ سان ڪير شادي ڪندو." ننڍي ڀيڻ جي باري ۾ سوچي مان چپ ٿي وئي هيس، پر من ۾ پيل ان ڳالهه کي ڪيئن ڪڍان؟ پيٽر مون کي آواز ڏنو ۽ لوڏي اٿارڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي هئي، پر مان پڪي ننڊ جو مڪر ڪري هن جو هٿ هٽائي ڇڏيو هو ۽ پوءِ مجبور ٿي پيٽر ڪمري جي بتي بند ڪئي هئي ۽ ٽئين ڏهاڙي تي ئي هني مون جي لاءِ نڪري آيا هئاسين".

در تي ڪڙڪي سان گڏ پيٽر جو آواز آيو "ڇا ٿيو مئري! طبيعت ته ٺيڪ اٿئي نه؟ " ڪڙڪي سان ئي مئريءَ باٿروم جي بتيءَ جو بٽڻ چالو ڪيو. روشني ٿيندي ئي انڌيري وانگر ماضي پڻ غائب ٿي ويو.

"ها سڀ ٺيڪ آهي، بس اچان ٿي." مئري ايترو ئي چئي سگهي ۽ سوچن ۾ گم ٿي وئي. "هل مئري! حقيقت کي منهن ڏيڻو ئي پوندئي، مضبوط ٿي. گهٽي دير هتي ويهي سگهندينءَ؟" پاڻ کي پاڻ ئي سمجهائيندي مئري ٻاهر آئي.

پيٽر تمام گهڻي پيار مان مئريءَ ڏي نهاري رهيو هو. مئري پڻ پيٽر ڏانهن نهاري مشڪي، پر اها مشڪ اڻ تڻ ۾ پريل



sindhsalamat.com

پئي لڳي. جيئن پيٽر مئريءَ جي پرسان آيو هوءَ ٿوري دير ته چپ رهي، پر ڪجهه دير ۾ ئي هن پيٽر کي پاڻ کان پري ڌڪو ڏنو.

"اهو ڇا آهي مئري!؟ شاديءَ جي ڏينهن کان ڏسان پيو، تون مون کان پري وڃڻ جا بهانا پئي ڳولهين. جيڪڏهن مان توکي پسند نه هيس ته شادي ڇو ڪيئي؟"

"اهڙي ڪا ڳالهه ناهي پيٽر"!

"ته پوءِ ڇا ڳالهه آهي، ڇا تون ٻئي ڪنهن کي پسند ڪندي هئينءَ؟"

"نه نه، ائين ڪجهه به ناهي، مان ڪنهن ٻئي کي پسند نه ڪندي آهيان".

"ته پوءِ ڇو تون مون کي ويجهو اچڻ کان روڪين ٿي؟ ڪو ته ڪارڻ هوندو." پيٽر مئريءَ جون ٻئي ٻانهون پڪڙيندي چيو.

"مون کي........... مون کي ڀئُ ٿو ٿئي".

"ان ۾ ڀوَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي مئري؟ هي ته سنسار جو نيَم آهي." چوندي پيٽر مئريءَ جي ويجهو اچي ڪيس پيار ڪرڻ لڳو، پر مئري ان لاءِ ذهني طور تيار نه هئي.

آخر ٿڪجي پيٽر چيو. "ٺيڪ آهي، اسان سياٽي ئي واپس هلون ٿا ۽ مان توکي سڌو تنهنجي پيڪين ڇڏي ايندس. جيڪڏهن تون مون کي پنهنجو جيون ساٿي مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهين ته ان کان سواءِ مون وٽ ٻيو ڪو به رستو ناهي".

مئريءَ چپ چوريا "مون شاديءَ کان پهريان ئي توهان کي ٻڌائڻ چاهيو هو، پر ٻڌائي نه سگهيس." پيٽر سوالي نظرن سان مئريءَ ڏانهن نهارڻ لڳو، "مان جڏهن پنجن سالن جي هيس تڏهن پاڙي ۾ رهندڙ پنهنجي ساهيڙي ايليءَ جي گهر ويس. ان ڏينهن



books.sindhsalamat.com

ايلي پنهنجي ممي پپا سان ڪنهن پاسي گھمڻ وئي هئي ۽ گھر ۾ صرف ان جو ڏاڏو وينو هو. مان واپس ورڻ لڳس تہ هنن مونبکي روڪيو،

"اڙي مئري! ايلي ڪانهي تہ ڇا ٿيو، مان تہ آهيان نہ، اڄ ٿوري دير مون سان راند ڪر".

"توهان سان گرينڊ پا؟"

"ها مون سان، ڇئہ ڪهڙي راند ڪيڏون؟" چوندي گرينڊ پا مون کي ڪڇ ۾ ويهاريو.

"پر گرينڊ پا! توهان تہ نہ لنگڙي ڪيڏي سگھندا ۽ نہ ڊڪ ڊوڙ. پوءِ توهان ڇا ڪيڏندا؟"

گرينڊ پا منهنجي ڳلن تي پيار ڪندي چيو "هل اسان ڊاڪٽر ڊاڪٽر ٿا ڪيڏون. ڪيڏندينءَ نہ؟" چوندي هنن مون کي زور سان ياڪر ۾ پريو ۽ سڄي منهن کي چمن لڳا.

"اوهو گرينڊ پا! مون کي توهان جي ڏاڙهي چڀي ٿي ۽ ايترو زور سان نہ پڪڙيو، پيٽ ۾ سور ٿو ٿئي، ڇڏيو.............. نيڪ آهي ڊاڪٽر ڊاڪٽر ٿا ڪيڏون".

"تہ پوءِ مان ڊاڪٽر ۽ تون مريض ٿي. جيڪڏهن تون سٺي مريض ٿيئن ۽ ڊاڪٽر جون سڀ ڳالهيون مڃينديئنءَ تہ راند ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مان توکي چاڪليٽ ڏيندس".

"اڙي واھ چاڪليٽ! تہ پوءِ نيڪ آهي، مان توهان کي سٺي مريض ٿي ڏيکاريندس. پر مان تڪليف ڇا ٻڌايان؟"

"هاٺي تو چيو نہ ياڪر پائڻ سان پيٽ ۾ سور ٿو ٿئي، اهو ئي چئہ".




sindhsalamat.com


"ها نيڪ آهي، ڊاڪٽر صاحب! مون کي پيٽ ۾ سور ٿو ٿئي".

"هل اندر پلنگ تي هلي ليٽ، تہ مان تنهنجو چيڪ اپ ٿو ڪريان." چوندي گرينڊ پا مونکي ڪمري ۾ وٺي ويا ۽ پيٽ چيڪ ڪرڻ جو مڪر ڪرڻ لڳا.

"همممم، توکي گھڻي تڪليف ٿي لڳي، هڪ ڪم ڪر، سڀ ڪپڙا لاهي ليٽي پئہ".

"پر ڪپڙا ڇو لاهيان گرينڊ پا! ائين ئي چيڪ ڪيو".

"تون سٺي مريض نہ آهين، ڇو تہ ڊاڪٽر جو چيو نہ ٿي مڃين".

"نہ نہ مان سٺي مريض آهيان".

چوندي مون گرينڊ پا جو چوڻ مڃيو هو".

مئريءَ جي اکين اڳيان ماضي سينيما وانگر هلي رهيو هو ۽ ٻڌائيندي ٻڌائيندي هوءَ زارو قطار روئڻ لڳي. پيٽر ويجهو اچي مئريءَ کي ياڪر ۾ پريو.

"بس مئري! مان سمجهي ويس، چپ ڪر. جيڪو ٿي ويو ان کي تہ نہ مٽي سگھبو آهي".

"پر پيٽر! منهنجي ڪهڙي غلطي هئي؟ مان تہ هنن کي پنهنجي گرينڊ پا وانگر ئي سمجھيو هو، هنن کي مون ۾ پنهنجي پوٽي ڇو نہ ڏسڻ ۾ آئي؟ مون سور ۾ رڙيون پئي ڪيون پر هنن منهنجو وات بند ڪري ڇڏيو ۽ تڏهن ئي ڇڏيائون، جڏهن هنن جي اندر جو جوار شانت ٿيو".

"پر ميري! تو اها ڳالھ گھر وارن کي نہ ٻڌائي؟"




books.sindhsalamat.com

"ڪجھ ڏينھن تہ مان شاڪ ۾ هيس، پر پوءِ بعد ۾ گھر وارن کي ٻڌائي".

"هنن پوليس ۾ ڪمپلينٽ ڪئي؟"

"نہ، گھر وارن رڳو هن گرينڊ پا کي ٿورا ڏڪ هڻي ڇڏي ڏنو. مان ممي پپا جو ڳالهائڻ ٻڌو هو، "جيڪڏهن پوليس ۾ ڪمپلينٽ ڪنداسين تہ اسان جي ئي ڏيءَ جو نالو خراب ٿيندو ۽ ڪو بہ ساڻس شادي نہ ڪندو." ائين چو پيٽر! ماڻھو اهو چو نہ سمجھندا آهن تہ انسان جي جيئڻ لاءِ جيتري هوا، پاڻي ۽ روٽي ضروري هوندي آهي اوتري ضروري هوندي آهي عزت، آتم سمان ۽ گرِما. عزت بنا زندگي کوکلي ۽ بي معني هوندي آهي".

"پر مئري! ان سان تنهنجي سمان ۾ ڪا بہ ڪمي نہ آئي، هن گرينڊ پا جي ئي عزت گھٽ ٿي".

"نہ پيٽر! ان واقعي کان پوءِ منهنجو سمان ٻچي سگھي ها، جيڪڏهن منهنجا ماءُ پيءُ هن گرينڊ پا کي سزا ڏيارين ها. گھٽ ۾ گھٽ مان پنهنجي سرير جي ۽ پنهنجي آتم سمان جي اڄ عزت ڪريان ها".



# ڪلنڪ

فون رکندي ئي سنيل ريڪا ڏانهن مخاطب ٿيو "ڊاڪٽرياڻيءَ ٻارهين وڳي اچڻ لاءِ چيو آهي، تون جلدي تيار ٿي تہ هلون".

"هلون ٿا، اڃا ٻارهن وڄڻ ۾ گھڻو وقت آهي".

"جيترو جلدي هلنداسين، اوترو ئي جلدي نمبر ايندو ۽ اوترو ئي جلدي مون کي خوشخبري ٻڌڻ لاءِ ملندي. ڪيترن سالن کان ڪن سڪي ويا آهن اها خوشخبري ٻڌڻ لاءِ".

"منهنجا ڪن بہ تہ ٻارهن سالن کان اهو ٻڌڻ لاءِ سڪندا رهيا آهن." چوندي ريڪا جا نيڻ پجي ويا.

"هيءَ گھڙي خوش ٿيڻ جي آهي، هاڻي روئڻ وارا ڏينھن ويا." ريڪا جا نيڻ اگھندي سنيل چيو. "هاڻي اسان ٻنهي تان بي اولاد ٿيڻ وارو ڪلنڪ لهندو. هل جلدي، هاڻي دير نہ ڪر ۽ سنڀالي وڏيڪ تڪڙي نہ هلجانءِ ۽ نہ ئي سوڙهو وڳو پائجانءِ، نہ تہ منهنجي ٻار تي زور ايندو." چوندي سنيل ريڪا جي پيٽ تي هٿ رکيو ۽ ريڪا هن ڏانهن مشڪي نهارڻ لڳي.

سنيل ڪار تمام گھٽي احتياط سان هلائي رهيو هو. ڪار جي اسپيڊ جيتري گھٽ هئي ريڪا اوتري وڌيڪ اسپيڊ سان ماضيءَ ۾ ٻڏڻ لڳي.

"اڙي ريڪا! تون تہ راڪيش جي پٽ جي ڄڻيءَ جي فنڪشن ۾ وئي هئينءَ نہ، پوءِ ايترو جلدي ڪيئن موٽي آئينءَ، فنڪشن پورو بہ ٿي ويو ڇا؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريکا ڏک پائي اچي سنيل کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي
"جيڪڏهن اسان کي ٻار نه ٿو ٿئي ته ان ۾ اسان جي ڪهڙي غلطي، ڇا اسان نه چاهيو هوندوسين ته اسان جي گود سائي ٿئي؟"
"پر ٿيو ڇا؟ اهو ته ٻڌاءِ".
"فنڪشن ۾ سيئي ٻار کي ڪڇ ۾ کڻي رهيا هئا، جڏهن مون کڻڻ چاهيو ته راڪيش جي ماءُ منع ڪري ڇڏيو ته مان ٻانجهه آهيان، منهنجو ٻار کي کڻڻ اپشگن ٿي سگهي ٿو".
"ڇا! راڪيش جي ماءُ ائين چيو، پوءِ راڪيش ڪجهه ڪو نه چيو هن کي؟"
"مون کي خبر ناهي، ايترو ٻڌي مون کي روئڻ اچي ويو ۽ مان اتان هلي آيس. پر سنيل! اسان به ته ڪوشش ۾ لڳا پيا آهيون نه، ڊاڪٽر کان دوا پڻ ڪرائي هئيسين، توهان ئي ته رپورٽ ڏيکاري آيا هئا نه ۽ ڊاڪٽر توهان کي اهو به چيو ته ٻئي ڄڻا ٺيڪ آهيو، ڪڏهن به پاڻمرادو ٻار ٿي ويندوَ ۽ ٽريٽ مينٽ بند ڪري ڇڏي هئائين. پوءِ جو ڀڳوان اسان سان ناانصافي ڇو ڪري".
"تون روءُ نه ريکا! ايشور جلد ئي هنن سڀني کي جواب ڏيندو، ڏسجانءِ جلدي تنهنجي هنج سائي ٿيندي".

بريڪر تي گاڏيءَ جي جهٽڪي سان ريکا ماضيءَ مان ٻاهر نڪري آئي ۽ سنيل ڏانهن نهارڻ لڳي.
"تون ٺيڪ ته آهين نه، جهٽڪو ته نه لڳئي؟"
ريکا مشڪندي رڳو نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪنڌ جو لوڏو کيس واپس ماضيءَ ۾ وني ويو.



"ريکا! اڄ منهنجي ننڍپڻ جو دوست منوج اچي رهيو آهي، هو ڪجهه ڏينهن اسان سان گڏ رهندو".
"اسان سان گڏ، هتي گهر ۾؟"
"ها، منهنجو پڪو دوست آهي، ايئن هوٽل ۾ هن جو بندوبست ڪرڻ سنو نه لڳندو، انڪري هو هتي ئي رهندو. پر ڳالهه رڳو هن کي ٽڪائڻ جي ناهي، هڪ ٻي پرابلم به آهي".
"اها ڀلا ڇا؟"
"هيڏانهن منوج گهڻن سالن کان پوءِ اچي رهيو آهي ۽ هوڏانهن مارچ هئڻ ڪري رٽرن پڻ پرڻي آهي. ان ڪري ڪم تمام وڌيل آهي، شايد مان هن کي ايترو ٽائيم نه ڏئي سگهان ۽ گهمائي ڦيرائي نه سگهان، سو اها ذميواري به توکي نڀائڻي پوندي".
"مان هن کي گهمائڻ وني وڃا؟ سا به اڪيلي"!
"ها ريکا! منهنجي ننڍپڻ جو دوست آهي ۽ هن جو پورو ڌيان رکڻ اسان جي ذميواري آهي".

"ڪهڙن خيالن ۾ گم آهيو ميڊم! اسپتال پهچي وياسين."
ريکا ماضيءَ مان نڪري آئي ۽ مشڪندي سنيل ڏانهن نهاريو .

ٻئي اسپتال جي لابيءَ ۾ پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيا هئا، ريکا اڻ تڻ ۾ هئي .
"ايتري اڻ تڻ ۾ ڇو آهين ريکا! ٽينشن ٿو ٿيئي ته متان رپورٽ نيگيٽو نه نڪري اچي؟"
ريکا سنيل ڏانهن ڏسي ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٽينشن نه ڪر، الائي ڇو مونکي پڪ آهي ته رپورٽ پازيٽو ئي نڪرندي. ايشور اسان جو ايترو به امتحان نه وٺندو، تون ٽينس نه ٿي." ريڪا جو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهلي سنيل چيو.

ريڪا رڳو مشڪي ۽ پنهنجو ٻيو هٿ سنيل جي هٿ مٿان رکيو.

"مان سنيل کي ڪيئن ٻڌايان ته ها مان اميد سان آهيان، پر هي ٻار سنيل جو نه پر ان جي دوست منوج جو آهي." ريڪا سوچن جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳي "ان منوج جو جيڪو هن جي ننڍپڻ جو دوست آهي. گذريل مهيني جڏهن هو آيو هو ۽ سنيل ڪم ۾ ٻزي هجڻ سبب مونتي اها ذميواري رکي ته مان هن جي دوست جو ڌيان رکان ۽ هن اسان ٻنهي تي وشواس رکيو هو، پر عورت ۽ مرد پيٽرول ۽ باهه وانگر هوندا آهن، اسان سان به اهو ئي ٿيو، خبر نه پئي ته ڪڏهن ۽ ڪيئن ٻنهي جو پاڻ تان ڪنٽرول ختم ٿي ويو، پر جيڪڏهن منهنجي بيوفائيءَ جي سنيل کي خبر پئي ته هن جو مونسان گڏ دوستيءَ تان پڻ وشواس کڄي ويندو."

"هل ريڪا! اسان جو نمبر اچي ويو."

"جي.... ها.... هلو" چئي ريڪا پنهنجي سوچن جي ڀنوَر مان ٻاهر نڪري آئي.

ٻئي ڊاڪٽر جي ڪيبن ۾ آيا، چيڪ اپ ڪرڻ کانپوءِ ڊاڪٽرياڻي ٻنهي سان مخاطب ٿي "مبارڪون هجنوَ مسٽر سنيل! دير سان ئي سهي ڀڳوان توهان جي مراد پوري ڪئي آهي، توهان جي گهر ۾ جلد ننڍڙو مهمان اچڻو آهي، پينگهو لوڏڻ جي تياري ڪيو".

"سچ ۾ ڊاڪٽر! توهان چڱيءَ طرح ته چيڪ ڪيو آهي نه؟"



sindhsalamat.com

"ها مسٽر سنيل! هڪ دم سچ"

"پوءِ ڇا ڇا احتياط ڪرڻو پوندو، هن کي ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڇا نه، ڇا کائڻو پيئڻو آهي ۽ ڇا نه؟ مونکي سڀ لسٽ ناهي ڏيو، مان پاڻ هن جو سڄو ڌيان رکندس." سنيل خوشيءَ مان ڊاڪٽر کان پڇندو ويو.

"آرام سان.....آرام سان" ڊاڪٽر کلي "مان سڀ توهان کي ٻڌايان ٿي+".

ڊاڪٽر جي صلاحن کي هو ڌيان سان ٻڌڻ لڳو ۽

ريڪا ٻنل اکين سان سنيل ڏانهن نهاري رهي هئي. "سنيل ڪيترا نه خوش آهن، پر جيڪڏهن هنن کي سچ جي خبر پئي ته شايد هو سهي نه سگهن ۽ جيڪڏهن سنيل کي ڪجھ ٿي ويو ته پوءِ .... نه نه مان سنيل کي ڪجھ ڪونه ٻڌائيندس، هنن کي ڪڏهن خبر نه پوڻ ڏينديس ته هي ٻار هنن جو ناهي. مان هنن جا سپنا ۽ دل نه ٿي ٽوڙي سگهان".

ڊاڪٽر کان صلاح وٺي ٻئي نڪتا، ريڪا پنهنجي اڻ تڻ ۾ هلي رهي هئي. سنيل تمام گهڻو خوش هو ۽ من ئي من چوڻ لڳو "ٿئنڪس منوج! اڄ تنهنجي ڪري مون تان ٻي اولاد ٿيڻ جو ڪلنڪ لٿو آهي، نه ته ميڊيڪل رپورٽس مون کي دنيا جي اڳيان خوار ڪري ڇڏين ها، پر مان ان ڳالهه جي ريڪا کي ڪڏهن خبر پوڻ نه ڏيندس ته مون کي ڄاڻ آهي ته هي منهنجو نه پر تنهنجو آهي.



books.sindhsalamat.com

# اڻ پوريون خواهشون

پارتي ڪپڙن تي صابڻ هڻي برش سان رڳڙڻ لڳي، صابڻ گج ٺڄي وهي رهيو هو ۽ ساڻ ڪپڙن جي ميراڻ پڻ ڪٽي وڃي رهيو هو. پارتي غور سان صابڻ کي ڏسڻ لڳي، "هي صابڻ به اسان زائفن وانگر ئي آهي، پل ڳرندو پاڻ کي کپائيندو وڃي پر مير رهڻ نه ڏي، چاهي اهو مير ڪپڙن جو هجي يا سرير جو."

ڌوتل ڪپڙا ڪٽي چت تي سڪڻا وجهڻ لاءِ وئي.

انهن چتين وٽ پڻ تمام گهڻا قصا هوندا آهن. ٻارن جي راندين جا، ڇوڪرن جي لغڙ اڏائڻ جا، جوان دلين جي ملڻ جا، هڪ چت ٽپي ٻي چت تي پهچڻ جا ۽ انهن مان هڪ قصو آهي عورتن جي ڪپڙا سڪائڻ جو. ڪپڙا سڪڻ لاءِ وجهندي وجهندي اوڙي پاڙي جون عورتون پاڻ ۾ ڳالهائينديون، ڪل ٻوڪ ڪنديون ته ڪنهن مهل پنهنجيون پريشانيون پڻ ونڊينديون. ڪل ٻوڪ ۾ هنن جو موضوع هوندو آهي ته "اڄ ڪنهن جا وار ڌوتل آهن." جيڪڏهن ڪا وار ڌوئي اچي ته سڀ ملي ان کي ڇيڙائن. "لڳي ٿو ته رات گهوڙي جي سواري ڪئي اٿائين" چئي کلڻ لڳن.

جيئن ئي پارتي چت تي آئي سيما چيو "اڄ به وار نه ڌوتا اٿئي پارتي! لڳي ٿو تنهنجو گهوڙو سست آهي."

"نه ادي! اهڙي ڳالهه ناهي، منهنجي گهوٽ کي صبر ڪرڻ ايندو آهي." اهو جملو چوندي پارتي پنهنجي اندر جي مايوسيءَ کي لڪائڻ لاءِ منهن ٻئي طرف ڪري ڪپڙا سڪڻا وجهڻ لڳي.



sindhsalamat.com

جيئن ئي پوجا چت تي آئي ممتا چوڻ لڳي "هيءَ ته مئي روز پئي گهوڙي جي سواري ڪري، لڳي ٿو هن جو گهوڙو ايڪسٽرا مائليج ڏيندو آهي."

ممتا جي ائين چوندي ئي سڀئي زور سان کلڻ لڳيون ۽ پوجا پنهنجي منهن شرمساري محسوس ڪرڻ لڳي.

"شڪل چو لٽل اٿئي پوجا! " پارتيءَ پڇيو

" ڇا ڪيان، منهنجي گهوٽ کي روز گهرج ٿي ٿئي، جي منع ٿي ڪيانس ته ڪاوڙجي ٿو ۽ جي نه ٿي منع ڪيانس ته هنن عورتن کي روز ڳالهائڻ جو موقعو ٿو ملي وڃي، ڇا ڪيان سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي"

"اڙي! منع چو ٿي ڪرينس، هي ته سٺي ڳالهه آهي نه جو هو توکي ايترو پيار ٿو ڪري"

"ايترو پيار به ڪهڙي ڪم جو، جو پيار کان ئي انسان بيزار ٿي پوي."

"پيار کان بيزاري!" پارتي اچرج ۾ پئجي وئي" پيار کان به ڪوئي بيزار ٿيندو آهي ڀلا؟ "

" ها ٿيندو آهي نه، مان ٿي آهيان، مان ته سوچيندي آهيان آخر ايتري گهرج ٿيندي ڪيئن اٿس، ڪنهن کي ايتري گهرج به ٿي سگهندي آهي ڇا ڀلا؟"

" ها ٿي سگهندي آهي، پر تون نه سمجهندينءَ جو ته پيٽ ڀريل کي بک جو احساس نه هوندو آهي" چئي پارتي خيالن ۾ گم ٿي وئي.

" پر مونکي هڪ ڳالهه نه سمجهه ۾ ايندي آهي، وار ڌوئڻ جو ضروري آهن ڀلا، وارن جا ڪيو؟ جيڪو انگ ڪم اچي ان کي



books.sindhsalamat.com

ڏوئڻ ياد هجي نہ هجي، زائفن کي وار ڏوئڻ ضرور ياد هوندا آهن، اڙي بابا! ويچارن وارن چا ڪيو، هو تہ ٻڌل چپ چاپ پيا هوندا آهن، پوءِ بہ انهن تي ظلم" پوجا اهڙي انداز سان چيو جو پارتيءَ کي کل اچي وئي." اڙي! توهان کلو ٿا، مان تہ چوان ٿي هي وار ڏوئڻ واري روايت ئي بند ڪري ڇڏڻ کپي، نہ هيءَ روايت هوندي نہ ئي ڪنهن جي بہ ڪمري جا راز ظاهر ٿيندا."

"چري آهين تون تہ، هل هاڻي جلدي ڪپڙا وجهي هيٺ هلون. گهر جا ٻيا ڪم بہ انتظار ڪندا هوندا. " چئي ٻئي ڄڻيون ڪپڙا وجهڻ لڳيون.

ٻئي ڏينهن تي ڪپڙا ڏوئڻ مهل پارتيءَ جي سوچن ۾ اٿل پٿل متل هئي "پوجا چوي تہ سهي پئي، هي وار ئي تہ آهن جيڪي سيني جي راتين جا راز کولين ٿا، نہ تہ ڪنهن کي بہ ڪيئن خبر پئي تہ ڪنهن رات گهوڙي سواري ڪئي ۽ ڪنهن نہ. اڙي ها! هي وار ئي تہ آهن" پارتيءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. "هي وار ئي راز کوليندا آهن نہ تہ اڄ کان پوءِ هي وار ئي راز رکندا بہ" سوچيندي پارتيءَ پاڻيءَ جي بالٽي ڪٽي متي تي وڌائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com